# ٹه ماهي سامي سماچار

عمرڪوٽ جولاءِ کان سيپٽمبر 2015ع


- آگنڊ مارو مينهن ۾ مسئلا (ادارو) 02
- آگسٽ جي مناسبت سان پاڪستنان متعلق بنيادي معلومات 03
- ايڪويهين صديءَ جون تعليمي تقاضائون. 06
- اچو ته سنڌ جي تعليم جي تباهي روڪيون 10
- چنڊ جهڙا پرين 13
- عبدالڪريم پلي متعلق سنڌ جي شعور جو اظهار 13
- عبدالڪريم پلي چند يادگريون 14
- رپورٽ ڪارنر
- ايل آر پي (34) مصوبو 16
- ٻه روزه آرگنائيزشنل منجمينٽ ۽ نيٽ ورڪنگ ٽريننگ 18
- ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڏڪار متاثر گهرن لاءِ مال جي چاري جي فراهمي 20
- پاٽي جي ڊپ ۾ ورتل پاڻ ماٺهون 22



**ايڊيٽوريل بورڊ**

- سيد سردار شاهه
- حليم باغي
- سريش ڪمار پراگاٽي

**چيف ايڊيٽر**

- غلام مصطفيٰ کوسو

**ايڊيٽر**

- مير حسن آريسر

**سرڪيوليشن مئنيجر**

- غلام مرتضيٰ جوکيو

**سهڪاري سٽ**

- غلام مرتضيٰ جوکيو
- رابيه قلپوٽو
- اسحاق ساند
- مير بلوچ

**قانوني صلاحڪار**

- ايڊووڪيٽ ممتاز جوار



چپيندڙ: نيو سنڌ پريس عمرڪوٽ



**رابطي لاءِ ڏس پتو**

سامي فائونڊيشن آفيس

ويجهو اڪين جي اسپتال عمرڪوٽ

فون نمبر 0238571593

فيڪس نمبر 0238571593

اِي ميل info@samifoundation.org.pk

ويب سائيٽ www.samifoundation.org.pk



هي نيوز ليٽر سنڌ ريسورس سينٽر سامي فائونڊيشن (رجسٽرڊ) عمرڪوٽ، ايڪشن ايڊ پاڪستان جي سهڪار سان شايع ڪيو.

# آڳنڊ

## مارو مينهن ۽ مسئلا.

گذريل ٻن سالن تائين ڪاري ڏڪار جا اهنج ۽ عذاب سهڻ ڪانپوءِ ٿر واسين تي آخرڪار سانوڻ جاڪڪر مهربان ٿيا ۽ هي اکر لکجڻ تائين سموري ٿر ۾ مناسب مقدار واريون چار برساتون پئجي چڪيون آهن جن ڪانپوءِ ٿر جي ماڻهن ۽ مال سميت سموري جيوت وچي سک جو ساهہ کنيو آهي.

ان حقيقت جي باوجود ٿر هيل بہ ڪجهہ مشڪلاتن جي منهن ۾ رهندو جن مان سڀ کان اهم مشڪلات چوپائي مال لاءِ گاهہ جو نہ ٿيڻ آهي.

هونئن ٿر جي واريا سي ڌرتي جي اها اهم خاصيت آهي تہ وسڪاري جي موسم ۾ ٿوري برسات پوڻ ڪانپوءِ بہ ٽن ڏينهن اندر زمين ڦٽي پوندي آهي ۽ هفتي ڪانپوءِ گاهہ جي ساوڪ نظراچڻ لڳندي آهي. پر هيل ڀهرين سٺي برسات وسڻ جي باوجود بہ نڪو ٽن ڏينهن ۾ زمين ڦٽي ۽ نہ ئي وري هفتي تائين پٽن تي ساوڪ نظر آئي. ٿر واسين سمجهيو تہ متان ٻي برسات تي گاهہ ٿئي پر اڄوڪي ڏينهن تائين اڍائي مهينن دوران چار سٺيون برساتون پئجي وڃڻ جي باوجود بہ ٿر جي زمين ۾ گاهہ جو سلو بہ مور جي نہ سگهيو. ڀرپور وسڪاري جي باوجود بہ گاهہ جو نہ ٿيڻ جيتوڻيڪ وڏو توجہ طلب مسئلو هو پر حڪومتي سطح تي ڪابہ تحقيق ڪرائي انجا اصل ۽ بنيادي سبب معلوم ڪرڻ لاءِ ڪابہ پيش رفت نہ ڪئي وئي.

اهڙي صورتحال ۾ سامي فائونڊيشن جن زرعي ماهرن کي سرزمين تي وٺي وچي ان مسئلي جا سبب معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تن جي راءِ مطابق گذريل ٻن سالن تائين موسم جي شروعات ۾ جيڪي برساتون وٺيون انهن جي نتيجي ۾ زمين اندر پيل گاهہ جو ٻيج ڦٽي تہ ويو پر اهو پڇي ٻج ٻڌجڻ کان اڳ ئي سڪي سڙي ويو تنهنڪري زمين ۾ هاڻ گاهہ جو ٻج موجود ئي ڪونهي جيڪو برسات وسڻ ڪانپوءِ اپڙي اچي..

اها ڳالهہ جڏهن ٿر جي مختلف ڳوٺن جي سگهڙ ڳوٺاڻن کان پڇي وئي تڏهن انهن بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي هاڻ سوال اهو پيدا ٿو ٿئي تہ جيڪڏهن اها ڳالهہ درست آهي تہ ڇا هاڻ ٿر ۾ هر سال گاهہ پيدا ئي نہ ٿيندو ۽ لاڳاپيل حڪومتي کاتا ان مسئلي جي حل لاءِ ڪا حڪمت عملي نہ ٺاهيندا ـ ؟

هيلوڪي سڪار جي باوجود ٿر واسين لاءِ ٻي مشڪلات اها ٿي نظر اچي جو هيل ٿر جي ماڻهن ٻاجهري تمام گهٽ پوکي آهي. جنهنجي ڪري کاڌ ـ خوراڪ جي اڻاٺ پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي.

مٿي ڄاڻايل انهن ٻنهين مسئلن تي اگر سرڪار گهربل ڌيان ڏنو تہ پوءِ امڪان آهي تہ ٿر واسي هي سال سولائي سان گذاري وري ايندڙ وسڪاري پيڙا تي سگهن.

# آگسٽ جي مانسبت سان پاڪستان متعلق بنيادي معلومات

........... اختصار: مير مري

پاڪستان -ڏکڻ- ايشيا -۾ هند وپاڪ ننڍي کنڊ جو هڪ ننڍڙو ملڪ آهي ، جيڪو 300 00- '\اتر -ڏگهائي ڦاڪ ۾ 700 00- '\ اوڀر-ويڪرائي ڦاڪ تي موجود آهي . هي آباديءَ جي لحاظ کان اسلامي ملڪن ۾ وڏي آباديءَ وارن ملڪن ۾ شمار ٿئي ٿو- . پاڪستان -برصغير جي مسلمانن لاءِ ڌار وطن طور 14- آگسٽ1947 -ع تي وجود۾ آيو .

پاڪستان بابت موجوده معلومات :

پورو نالو :اسلامي جمهوريہ پاڪستانآبادي: 180 . 8 ملين ( 2009ع ۾- اقوام متحده -جي انگن اکرن موجب ) گاديءَ جو هنڌ- :اسلام- -آباد-ايراضي:796096 چورس ڪلوميٽر آزاد ڪشمير: 83716 چورس ڪلوميٽرمُکيہ ٻوليون: پنجابي ، سنڌي،- اردو -، پشتو ۽ بلوچي ( تفصيل اڳتي پڙهندا ) وڏو شهر: ڪراچي عمر جي وڌ ۾ وڌ شرح: مرد 66 سال ، عورت 67 سال مُکيہ مذهب- :اسلام - سِڪو:1 پاڪستاني روپيو = 100 پئسا قومي گل: چنبيلي قومي وڻ: ديئُدار قومي پکي:چڪور قومي راند: هاڪيقومي لباس: شلوار قميص انٽرنيٽ ڊمئن- Pk .:بين-الاقوامي ڊائلنگ

ڪوڊ: +92

گڏيل هندستان ۾- آزاديءَ جي تحريڪ -دوران انگريزن جي سازش تحت هندن ۽ مسلمانن وچ۾ نفاق جو- ٻج -ڇٽي منجهن سياسي ، سماجي ۽ مذهبي اختلافن کي اڀاريو ويو . نتيجي ۾- آزاديءَ جي تحريڪ -۾ حصو وٺندڙن مان مسلمانن کي ڪي شڪايتون پيدا ٿيون ۽ انهن مسلم ليگ نالي جماعت جو بنياد وڌو، جنهن جي پليٽ فارم- تان -هندستان جي مسلمانن ، مسلم اڪثريت وارن علائقن تي مشتمل ڌار ملڪ جو خيال پيش ڪيو . تڏهن مسلم ليگ ، قائداعظم محمد علي جناح جي رهنمائيءَ ۾ 1940ع ۾ لاهور واري اجلاس ۾ هي مطالبو هڪ قرارداد ذريعي منظور ڪرايو- . ان -ڪانپوءِ 1946ع ۾ ليگ ڪنوينشن دهليءَ هن قرارداد جي وضاحت لاءِ هڪ تجويز منظور ڪئي . اهي ٻئي قراردادون " مينار-پاڪستان" -لاهور تي اڪريل آهن . جنهن جو متن هن ريت آهي . ( وڌيڪ ڏسو- :تحريڪ پاڪستان -، جلد ٻيو- ( پاڪستان -جو نهراءُ/ قرارداد لاهور- ) : **آل انڊيا -مسلم ليگ-** لاهور ۾ منظور ٿيل: 22 کان 24 مارچ 1940ع ) . آئيني مسئلي تي– آل انڊيا -مسلم ليگ ڪائونسل ۽ مجلس عامله جي هن پيش قدميءَ جي تائيد ۽ توثيق ڪندي ، جيڪا 27- آگسٽ -، 18 -17سيپٽمبر ، 22- آڪٽوبر1939 -ع ۽ 3 فيبروري 1940ع جي قراردادن مان واضح ٿئي ٿي- . انڊيا -مسلم ليگ-<'آل- انڊيا -مسلم ليگ- جو هي اجلاس پر زور طريقي سان اهو دهرائي ٿو تہ ، اهو وفاقي منصوبو، جنهن جو اظهار گورنمينٽ آف- انڊيا -ايڪٽ 1935ع ۾ ڪيو ويو آهي . بلڪل غير موزون ، هن ملڪ جي خاص حالتن جي پيش نظر ناقابل عمل ۽ هندستان جي مسلمانن لاءِ مڪمل طور ناقابل قبول آهي . هن اجلاس جي اها حتمي راءِ آهي تہ 18- آڪٽوبر1939 -ع تي جيڪو اعلان وائسراءِ ، حڪومت جي طرفان ڪيو هو، اهو- ان-حد تائين تہ اطمينان بخش آهي ، جو جنهن ملڪ ۾ منصوبي تي گورنمينٽ آف- انڊيا-ايڪٽ 1935ع ٻڌل آهي- . ان -تي هندستان جي مختلف جماعتن ، مفادن ۽ فرقن جي مشوري سان ٻيهر غور ڪرڻ جو يقين ڏياريو ويو آهي ، پر هندستان جا مسلمان- ان -وقت تائين مطمئن نہ ٿيندا ، جيستائين پوري آئيني منصوبي تي ٻيهر نئين سر غور نہ ڪيو ويندو ۽ ڪو بہ نئون منصوبو انهن جي رضامندي ۽ منظوري سان مرتب نہ ڪيو ويندو . طئي ٿيو تہ– آل انڊيا -مسلم ليگ - جي اجلاس جي هيءَ منظور شده راءِ آهي ، تہ ڪو بہ آئيني منصوبو هن ملڪ ۾ قابل عمل ۽ مسلمانن لاءِ قابل قبول نہ هوندو، جيستائين اهو هيٺ ڄاڻايل بنيادي اصولن تي واضع نہ ڪيو ويندو، يعني جاگرافيائي طور ويجهڙائي وارن علائقن جي حد- بندي -اهڙي خطي ۾ ڪئي وڃي ، جو- جن -علائقن ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي ، مثلاً:

هندستان جا- اتر -اولهندي ۽ اڀرندي وارا حصا . انهن جي تشڪيل اهڙي تہ آزاد رياستن جي صورت ۾ ڪئي وڃي . جو اهي خود مختيار ۽ مقتدر هجن . گڏوگڏ انهن ويجهڙائي وارن علائقن ۾ اقليتن جي مذهبي ، ثقافتي ، معاشي ، سياسي ، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جو مناسب ۽ مؤثر تحفظ انهن جي مشوري سان- آئين -۾ وضاحت سان ڪيو وڃي ۽ هندستان جي ٻين حصن ۾- جتي -مسلمان- اقليت -۾ آهن ، انهن جي ٻين اقليتن جي مذهبي ، ثقافتي ، معاشي ، سياسي ، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جو مناسب ۽ موثر تحفظ انهن جي مشوري سان- آئين -۾ وضاحت سان شامل ڪيو وڃي . وڌيڪ هيءُ اجلاس مجلس عاملہ کي اهو اختيار ڏئي ٿو تہ اها انهن بنيادي اصولن مطابق- آئين -جو هڪ اهڙو منصوبو مرتب ڪري ، جنهن جي مدد سان ذڪر ڪيل علائقن کي پورا اختيار حاصل ٿي وڃن ، جيئن: دفاع ، پرڏيهي مامرا ، مواصلات ، محصولات ۽ ٻيا مامرا جيڪي ضروري سمجهيا وڃن- . ان -بعد 1946ع ۾ مسلم ليگ جي اجلاس ۾- ان "-قرارداد " ۾ تبديلي آڻي ، " آزاد ۽ خود مختيار رياستن " جي جاءِ تي " هڪ رياست " ( State ) جو لفظ ڪم آندو ويو . 1946ع واري قرارداد: قرارداد- پاڪستان -جي وڌيڪ- تشريح -هن ليگ ڪنوينشن جي هڪ قرارداد ۾ مرڪزي ۽ صوبائي قانون ساز مجلس جي چونڊيل ميمبرن گڏيل راءِ سان ڪئي ، جيڪا قائداعظم جي صدارت ۾ 9- اپريل1946 -ع تي دهليءَ ۾ منعقد ٿي ، جنهن ۾ ٻين مامرن مان صرف هي نڪتو واضح ڪيو ويو تہ: 'هندستان جي- اتر -اڀرندي ۾- بنگال -۽ آسام ۽- اتر -الهندي ۾ پنجاب ، صوبو سرحد ، سنڌ ۽- بلوچستان -، يعني مسلم اڪثريت وارا علائقا آهن ، اتي واحد ۽ خود مختيار مملڪت جي تشڪيل ڪئي وڃي ۽- ان -امر جو واضح اعلان ڪيو وڃي تہ- پاڪستان -جو قيام بنا دير عمل ۾ آندو وڃي- . ان -بعد- پاڪستان -جي حق ۾ سڀ کان پهرين- اپريل- 1943 ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ٺهراءُ پاس ڪيو هو- . انگريز -دؤر ختم ٿيڻ سان هندستان کي ٻن آزاد ملڪن: ڀارت ۽- پاڪستان -۾ ورهايو ويو- . پاڪستان -جي حصي ۾ برطانوي هند جا- اتر -الهندي وارا پرڳڻا آيا ،- جن -۾ مسلمانن جي اڪثريت هئي ، جهڙوڪ: اولهندو پنجاب ، سنڌ ،- بهاولپور -رياست ، خيرپور رياست ،- بلوچستان -۽ سرحد صوبو ( هاڻوڪو خيبر پختونخوا ) ۽ اُن جون رياستون آيون- . اوڀر- -بنگال -وارو حصو بہ- پاڪستان -۾ شامل ڪيو ويو ، جيڪو " مشرقي- پاڪستان " -سڏيو ويو- . پاڪستان -جي اڀرندي حصي ۾- اوڀر- -بنگال -۽ سلهٽ جو ضلعو شامل ٿيا . ڄمون ۽ ڪشمير بابت ڪو فيصلو نہ ڪيو ويو . ڪاٺياواڙ جي ڪجهہ رياستن جهڙوڪ: جهوناڳڙهہ ، ماناوادر ۽ مانگرول جو- پاڪستان-سان ظاهري الحاق ڪيو هو ، پر عملي طرح ٿي نہ سگهيو . حيدرآباد دکن- پاڪستان -سان الحاق جو اعلان ڪيو هو ، پر اها رياست ڀارت سان ئي رهي . ايراضي ۽ حدون: ابتدا ۾- پاڪستان -پنجن صوبن ۽ ڪجهہ رياستن تي مشتمل هو ، پر 1954ع ۾ الهندي حصي جي سمورن صوبن ۽ رياستن کي ملائي "وَن يونٽ " ٺاهيو ويو ۽ ملڪ جو الهندو حصو " مغربي يا اولهہ- پاڪستان " -سڏيو ويو ۽- بنگال -کي " مشرقي يا- اوڀر- -پاڪستان " -سڏيو ويو . مغربي- پاڪستان -۾ پنجاب ، سنڌ ، سرحد ،- بلوچستان -جي حدن ۾ ايندڙ رياستون شامل هيون- . پاڪستان -جي ٻنهي حصن جي وچ ۾ ڀارت جو هڪ هزار ميلن تي محيط ملڪ هو- . اوڀر- -پاڪستان -جي- اتر -، اولهہ توڙي- اوڀر -۾- ڀارت- ، ۽ ڏکڻ ۾- بنگال -جو اپسمنڊ هو . اولهہ- پاڪستان -جي حدن جي- اتر- -اوڀر -۾ ڀارت آهي- . ان -وقت- پاڪستان -جي ڪل ايراضي 363529 چورس ميل هئي . اڳوڻي- اوڀر- -پاڪستان -جي 90 سيڪڙو زمين سنوت واري هئي ، جنهن کي " گنگا واديءَ واري زمين " چيو ويندو آهي . هن واديءَ ۾ ٽي مکيہ درياهہ آهن: گنگا ( پدما (،- برهمپترا ) -جمنا ) ۽ مينگهنا- . ان -جي ڏکڻ- اوڀر -۾ چٽگام جون ٽڪريون آهن ، جيڪي آسام جي جبلن ۽- برما -جي پهاڙن جون شاخون آهن . انهن پهاڙين جي لهواري حصي ۾ تمام گهڻي- برسات -پوندي آهي . هن علائقي جي مشهور ندي 'ڪرنافلي ' آهي- . پاڪستان -سان- اوڀر- -بنگال -جي شرڪت 24 سال رهي ،- ان -بعد پاڪ- ڀارت- جنگ -جي نتيجي ۾ 16 ڊسمبر 1971ع تي- " بنگلاديش " -جي نالي سان نئون ملڪ وجود ۾ آيو . هن ملڪ کي قديم تاريخي پسمنظر اڳ ئي هو- . پاڪستان- کان- بنگلاديش -جي ڌار ٿيڻ جا ڪيترائي سبب هئا ،- جن -۾ پهريون وڏو سبب هڪ هزار ميلن جو فاصلو هو ، جنهنڪري- ان-علائقي جي سرحدن جي صحيح طرح سنڀال نہ پئي ٿي سگهي . ٻيو سبب سياسي ادارن ۾ اڻبرابريءَ جو هو . اولهہ- پاڪستان -۾ 80 سيڪڙو جاگيردار ۽ وڏا

زميندار چونڊجي ٿي آيا. جڏهن ته- اوير- -پاڪستان -۾ 80 سيڪڙو وچولي طبقي جا نمائندا اسيمبلين ۾ چونڊبا هئا- . ان -ڪري ڪنهن به معاملي تي منجهن هم آهنگي پيدا نه ٿي سگهي، جنهن جو سڀ کان وڏو سبب پارٽي مداخلت هو. جنهن- پاڪستان -خلاف- اوير- -پاڪستان- ۾ ماحول پيدا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو ( وڌيڪ ڏسو- :بنگلاديش -. جلد پهريون ) . بهرحال هن وقت- پاڪستان -چئن صوبن: سنڌ، پنجاب،- بلوچستان -۽ خيبر پختونخواه ( اڳوڻي سرحد ) تي مشتمل آهي . آزاد ڪشمير- پاڪستان -جي پاڙيسري رياست آهي، جيڪا گذريل 63 سالن کان راءِ شماريءَ جي منتظر آهي . جڏهن ته 2009ع ۾ اترين علائقي گلگت کي صوبي جهڙي حيثيت ڏئي، ’گلگت- بلتستان‘ جو نالو ڏئي، قمر الزمان ڪائرا کي اتان جو پهريون گورنر مقرر ڪري اتي چونڊون ڪرايون ويون ۽، جنهن ۾- پاڪستان -پيپلزپارٽي وڏي اڪثريت سان کٽي آئي ۽- ان- -پارٽي -جي ئي چونڊيل اميدوار سيد مهدي شاهه کي گلگت- بلتستان جو پهريون وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو ۽ گورنر ڊاڪٽر شمع خالد جي وفات کان پوءِ فيبروري 2011ع ۾ پير ڪرم علي شاهه کي گلگت- بلتستان جو نئون گورنر مقرر ڪيو ويو آهي . ارضياتي طور- پاڪستان- کي هيٺين- ٽن -خطن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: جابلو علائقو- :پاڪستان -جي- اتر -۽ اولهه ۾ جابلو علائقو آهي . هن ۾- اتر -وارا- جبل -، هماليه جون شاخون آهن،- جن -جون قطارون ديوارن وانگر هڪٻئي پٺيان بيٺل آهن . انهن ۾ چترال ۽ مريءَ جا پهاڙ، ڪاغان وادي ۽ قبائلي علائقن جا پهاڙ شامل آهن . انهن جبلن مان هماليه- جبل-جي سراسري اوچائي 20 هزار فوٽ آهن، جنهنڪري اُن جون چوٽيون سدائين- برف -سان ڍڪيل رهنديون آهن. گلگت جي ويجهو نانگاپربت جي چوٽي 26 هزار فوٽ اوچي آهي، ۽ قراقرم جابلو قطار ۾ K-2 جي پهاڙي 28250 فوٽ اوچي آهي،- جتي -وسيع- برف -موجود رهندي آهي . اتر- اولهه واريءَ سرحد تي هندوڪش- جبل -پکڙيل آهي، جنهن جي چوٽي ( تيرچ مير ) 25353 فوٽ آهي . پهاڙي لڪن جهڙوڪ بابُوسر، دره خنجراب ۽ لواري وغيره به گهڻو ڪري- برف -سان ڍڪيل هوندا آهن، گرمين ۾- برف- ڳرڻ کان پوءِ ئي آمدرفت ٿيندي آهي . ميداني علائقو- :پاڪستان -جو تقريباً- اوير -وارو حصو ميداني آهي- . ان -کي سنڌو ماٿري چوندا آهن، چوته سنڌو درياهه ۽- ان -جون پرتي ڪنڌڙ شاخون: ڪابل، جهلم، ستلج، راوي،- بياس -۽ چناب آهن . سنڌو درياهه وارو علائقو وسيع ميدان آهي، جيڪو ڪشمير کان وٺي عربي سمنڊ تائين پکڙيل آهي، اُن جا ٻه حصا آهن؛ ( الف ) سنڌوءَ جو مٿيون حصو: هن حصي ۾ پنجاب ۽- بهاولپور -جا علائقا شامل آهن . هتي جي زمين زرخيز آهي، چو ته هتي نهرن جو جار وڇايل آهي- . بهاولپور -واري خطي ۾،- اوير -طرف جيڪو حصو خشڪ آهي،- ان -کي ”چولستان“ چوندا آهن . ( ب ) سنڌوءَ جو هيٺاهون ميدان: هن حصي ۾ سنڌو درياهه جو پيٽ وڌيڪ ويڪرو آهي . اُن کان سواءِ- برسات -جي اڻاٺ سبب ڪجهه زمين ريگستان بنجي وئي، انهيءَ کي- آباد -ڪرڻ لاءِ گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙيءَ وٽان- بئراج -ٺاهي، ڪيترين ئي شاخون ڪڍيون ويون آهن . مٿانهون پٽ: هن علائقي جا ٻه حصا آهن: ( الف ) پوٺوهار، جهلم درياهه جي ڪناري سان، ٻه هزار فوٽ اوچو جابلو لوڙ ( سينڌي لوڙ ) جو پهاڙي سلسلو الهندي طرف هليو وڃي ٿو، جنهن ۾ هر هنڌ لوڙ جون چپون ملن ٿيون . اهو سڄو علائقو باراني آهي- . ان- ۾ گاسليٽ، ڪوئلو ۽ ٻيون معدنيات جا ذخيرا موجود آهن . ڪوهستان لوڙ، جهلم نديءَ جي الهندي ڪناري سان لڳو لڳ ڏکڻ اولهه طرف سنڌو درياهه تائين پکڙيل آهي- . ان -سلسلي جي اوچائي لڳ ڀڳ ست سؤ ميٽر ٿيندي . ڪوهستان لوڙ ۽- اتر-اولهه وارن جبلن وچ ۾ پوٺوهار جو مٿانهون پٽ آهي- . ان -۾- اٽڪ -، راولپنڊي ( خاص ڪري ڪوهه مري ۽ کهوٽا جا علائقا ) ۽ جهلم ضلعو شامل آهن . ( ب ) سليمان- جبل -۽ کيرٿر- جبل -جي الهندي ۾- بلوچستان -نهايت مٿانهون علائقو آهي، جنهن جي اوچائي 600 کان 900 ميٽر ٿيندي . هتي جي هوا نهايت خشڪ آهي ۽- برسات -نه پوڻ ڪري سبب صوبي جي گهڻي ايراضي غير آباد آهي . وچ ۾ لوڙ واري پٽيءَ جي ڊنڊ آهي، اترئين حصي ۾ ڪروميم جا ذخيرا ملن ٿا.

*******

# ايڪويهين صديءَ جون تعليمي تقاضائون

...........

نور محمد ميمڻ

جڏهن اسان تعليم ۽ ايڪويهين صديءَ جي چئلينج جي ڳالهه ڪريون ٿا ته سڀ کان پهريائين هن ڳالهه جو جائزو وٺڻ کي نظر انداز نٿا ڪري سگهون ته پوين صدين ۾ اسان ڇا حاصل ڪيو ۽ ڇا وڃايو آهي. جيڪڏهن ان جائزي ۾ اسان وڃائڻ کان وڌيڪ حاصل ڪيو آهي ته پوءِ اسان کي اڳئين صديءَ ۾ پير پائڻ وقت گهٽين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو ڪونه پوندو پر جيڪڏهن ڳالهه ان جي ابتڙ آهي ته پوءِ صورتحال نهايت سنگين آهي، جنهن لاءِ قوم کي انقلاب مان گذرڻو پوندو آهي.

انقلاب جو نالو وٺندي ئي اسان جي ذهنن ۾ مار ڌاڙ خون خرابي ۽ هر شيءِ کي مٽائي نئين اڏاوت جو تصور ذهن ۾ ڦري ٿو اچي. حالانڪ ڳالهه ايئن ڪونهي. اسان وٽ انقلاب جي عمل جي باري ۾ گهڻين غلط فهمين ماڻهن کي ان کان تهائي رکيو آهي ۽ ان تاهه جي تسلسل هاڻي ته ماڻهن جي ذهن تان ان جو تصور به گهڻي قدر ميساري ڇڏيو آهي. حقيقت هي آهي ته انقلاب پنهنجي مخصوص عملي دائري سبب پنهنجي نوعيت ۾ هڪٻئي کان الڳ رهندا آيا آهن جيئن سياسي، اقتصادي، سماجي، تعليمي، سائنسي، فڪري ۽ ذهني انقلاب وغيره. اهو تصور بلڪل غلط آهي ته ڪنهن به قسم جو انقلاب پوين سڀني شين کي بلڪل ڊاهي ڇڏيندو آهي، بلڪ ٿيندو ايئن آهي ته جيڪي شيون به انقلاب ۾ ڍهڻ جهڙيون هونديون آهن انقلاب انهن کي ڊاهيندو آهي ۽ جيڪي شيون انقلاب جي ان عمل ۾ رڪاوٽ نه ٿيون بڻجن يا ايندڙ تبديليءَ لاءِ ڪي به ناڪاري اثر نٿيون رکن ته انهن کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويندو آهي.

اسان ڳالهه پنهنجي تعليمي نظام جي پوئين دور جي جائزي وٺڻ جي ڪري رهيا هئاسون. انهيءَ جائزي لاءِ ڪا ڏکي ڪاوش ڪرڻ جي ضرورت اسان کي هن ڪري به محسوس نٿي ٿئي جو موجوده تعليمي حالت جي حوالي سان ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل ڪونهي. سنڌي سماج جي سڀني طبقن جو انهيءَ تي اتفاق آهي ته هينئر اسان جي تعليم تباهه ٿي چڪي آهي. بلڪ ان کان اڳتي هي به تاثر آهي ته تباهي اهڙي ۽ حد تي پهچي چڪي آهي جو موجوده حالتن ۾ ان جو هٽڻ يا نه هٽڻ برابر جي ڳالهه آهي ۽ ڪن حالتن ۾ ان تعليم جو موجوده نظام اسان جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجي رهيو آهي. هن مختصر نشست ۾ تعليمي نظام جي موجوده تباهيءَ جي منظر کي پيش ڪرڻ کان وڌيڪ اهميت هن ڳالهه کي ٿا ڏيون ته ان جا ڪارڻ جاچيون.

جڏهن اسان ڪارڻن تي ٿا اچون ته گهڻ رخا ڪارڻ اسان جي سامهون ڪر کڻي بيهن ٿا. انهن مان هڪڙا ته سڌا سنوان ڪارڻ آهن ۽ ٻيا اڻ سڌا. جيستائين انهن ڪارڻن جي خطرناڪ ۽ سنگين هئڻ جو تعلق آهي ته ان ۾ ٻنهي قسمن جا ڪارڻ هڪ جيترا سنگين آهن. بلڪ ڪنهن حد تائين اڻ سڌا ڪرڻ اسان جي تعليمي سرشتي کي وڌيڪ تباهه ڪندا رهيا آهن جو اسان انهن کي سڌو سنئون ڪڏهن خطرناڪ محسوس ڪيو ئي نه آهي.

مختصر طور تعليم جي تباهيءَ جا سڌا سنوان ڪارڻ هي سامهون بيهن ٿا:

-1 تعليمي نظام کي هلائڻ جو اهم رول اسٽيٽ (رياست) جو ٿئي ٿو پر هتي معاملو هي آهي ته پاڪستان جي سياسي سرشتي ۾ سنڌ جو سماج نظري توڙي عملي طرح نظر انداز رهيو آهي.

-2 سنڌ ۾ هميشه مقامي اقتدار ڳولي ڳولي صرف اهڙين ڌرين جي حوالي ڪيو آهي جيڪي تعليم دوستي وارو ڪردار ادا نه ڪن. نتيجي ۾ مقامي اقتدار جون سڀ صلاحيتون ان جي فرض نڀائڻ تي صرف ٿينديون رهيون آهن. انهيءَ ڪري امن، تعليم، صحت توڙي ٻين شهري سهولتن کي هميشه نظر انداز ڪيو پئي ويو آهي.

-3 تعليمي نصاب ۽ پاليسيءَ ۾ تعليم کي انساني سوسائٽيءَ کي اعليٰ درجن تي پهچائڻ جو ذريعو بڻائڻ بجاءِ، ڪلارڪن ۽ آفيسرن جي اهڙي وڏي لوڏ کي تيار ڪرڻ جي مقصد کي سامهون رکيو ويو آهي جيڪا انگريزن پنهنجي اقتدار واري دور ۾ هڪ غلام جي صورت ۾ پيدا ڪرڻ چاهي پئي.

هي ته آهن اهي سڌا سنوان اسباب جيڪي اسان جي تعليمي نظام جي تباهيءَ جو هيستائين ڪارڻ رهيا آهن. جيستائين اڻ سڌن ڪارڻن جو تعلق آهي ته انهن لاءِ اڳ ۾ به عرض ڪري چڪو آهيان ته اهي نه صرف سڌن سنون ڪارڻن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي تعليمي تباهي ۾ شريڪ رهيا آهن بلڪ ڪنهن حد تائين انهن جي سنگيني اچا به وڌيڪ شدت سان آهي. انهيءَ حوالي سان سڀ کان وڏو ڪارڻ اسان جي اجتماعي

ويڳاڻپ آهي. سنڌي قوم هڪ وڏي عرصي کان فڪري ويڳاڻپ جو شڪار آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ اها ويڳاڻپ گهٽ ۾ گهٽ لاشعوري هئي يعني جيترو انگريزن چاهيو پئي اوترو اسان اڻڄاڻائيءَ ۽ غفلت ۾ پاڻ سڃاڻڻ ۽ سماج سان سلهاڙيل رهڻ جي سوچ کان وانجها ٿيندا وياسين. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ اها ويڳاڻپ شعوري شڪل اختيار ڪري چڪي آهي. هي بحث تمام ڊگهي تفصيل جي تقاضا ڪري ٿو ليڪن هتي ان جي رڳو ايتري بيان جي بيحد ضرورت آهي جنهن سان ان مسئلي جي چٽائي سامهون اچي. انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ هتي مذهب ۽ تصوف جي بنيادن تي بيٺل تعليمي ۽ تربيتي نظام ۽ مڪتب جي تعليم ذريعي مشرقي روايتن جون سڀ خصوصيتون جوبن تي هيون. ان تعليمي ۽ تربيتي نظام جن معاشرتي قدرن سان اسان جي سماج کي مالامال ڪيو انهن ۾ عزت نفس، وسعت نظري، قلب جو اطمينان، صبر ۽ ڌيرج، قناعت ۽ اڪتفا، نيازمندي ۽ عاجزي، توڪل ۽ اعتماد، نوڙت ۽ انڪساري، مردانگي ۽ بهادري، سچائي ۽ خلوصُ، سخاوت ۽ فياضي، پاڪدامني ۽ پاڪبازي، شرم ۽ حياء، امانت ۽ ديانتداري، عدل ۽ احسان خاص طور ذڪر جوڳا آهن. اهي خوبيون جهڙي نموني اسان وٽ اتم درجي تي موجود هيون ۽ انهن جي پرچار ڪئي ويندي هئي، تنهن جا باقي بين هنڌن تي ڪي ٿورا مثال ملندڙ هئا. انگريزن پنهنجي بينڪيتي سرشتي کي سگهارو بنائڻ خاطر امير طبقن کي پنهنجو دلال بنائڻ جو ڪلچر رواج ۾ آندو. هنن سموري هندستان وانگر سنڌ ۾ به پاڻ سان گڏ آندل اهڙي نئين تعليمي نظام کي رائج ڪيو، جيڪو حاڪمن پاران غلامن جي لاءِ ”حقارت گاڏڙ تحفي“ جي طور تي عطا ٿيو ۽ ان جو مقصد پنهنجي حاڪماڻي تسلط کي برقرار رکڻ لاءِ مددگار ايجنٽ، ڪلارڪن ۽ آفيسرن جو هڪ طبقو پيدا ڪرڻ هو. جيئن جيئن ان تعليمي ۽ تربيتي نظام جون جڙون مضبوط ٿينديون ويون تيئن تيئن اخلاقيات، ماڻهپي ۽ روايتن جو اهو شاندار مشرقي وڙدم مجروح ٿيندو ويو. ۽ ان کي لتاڙڻ جي لاءِ اتڪل ڏيڍ صديءَ جو هيڏو سارو عرصو ٿورو نه ڪونه هو. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ تعليمي نظام جا بنيادي طريقي ڪار ۽ نصاب ساڳيا رهيا. انهيءَ ڪري سواءِ انهن ماڻهن جي جن کي گهروءِ خانداني زندگي ورثي طور ۾ فضيلت ۽ سچيتائيءَ جو ماحول ۽ سبق ملندڙ هئا، باقي

انهيءَ عرصي دوران سنڌي سماج ۾ تعليمي ۽ فڪري سڌاري جي ڪي قدر فڪرمندي به سامهون آئي پر جيئن ته اها ان سطح جي نه هئي جو سنڌي سماج تي ڪي وڏ اجتماعي ۽ همه گير چٽڙي سگهي، سياسي نظام ڌارين طاقتن جي هٿ وس ٿي چڪو هو جنهن تعليمي نظام کي پڻ هوريان هوريان نون قدرن جي پکيڙ جو ذريعو بڻائي ورتو ۽ پوءِ يورپي ترقيءَ جي مادي خوبصورتين اسان جي انهن فڪرمند ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏيو. ان ڪري هو سنڌي سماج جي روايتن، ماڻهن جي نفسيات، طبعي لاڙن ۽ ضرورتن کي نظرانداز ڪري پنهنجي علميت ۽ قابليت جي ”شاندار“ مظاهري طور مغربي تهذيب جي مظاهرن کي جيئن جو تيئن قبولڻ جا مبلغ بڻجي ويا. هنن مغربي تهذيب ۽ مشرقي تهذيب جي هن بنيادي فرق کي به سامهون نه رکيو ته مغربي تهذيب انسان جي تخليق کي رڳو ”حيواني“ تسليم ڪري ٿي ۽ اصرار ڪري ٿي ته انسان رڳو حيواني تقاضائن جو حامل آهي ۽ سندس موجوده هيئت پڻ حيوان جي ارتقائي شڪل آهي. انسان جي هيئت ۽ تخليق متعلق اهڙي حيواني تصور جي عقيدي جي ڪري انسان سان پوءِ جيڪي به رويا اختيار ٿين ٿا سي انهيءَ نفسياتي پسمنظر ۾ سامهون اچن ٿا. هيڏانهن مسلمانن جي تعليم مطابق انسان الله جو پرتوو آهي. جنهن لاءِ الله چئي ٿو ته مان ان کي پنهنجي هٿن سان خلقيو ۽ پوءِ ان کي اهو سڀ ڪجهه سيکاريم جيڪو ڪيس نه پئي آيو. انساني تخليق جي هيڏي شرف واري تصور ۾ انسان سان جيڪي رويا اختيار ٿين ٿا تنهن جي مثالي شڪل خاص ڪري صوفين جي تعليم سڄي انساني دنيا تي بي مثال اثر ڇڏيا آهن.

مغربي تهذيب جي ڪيترين به خوبين کي سامهون رکو ليڪن هيءَ مڃيل حقيقت آهي ته انساني شرف ۽ انسان لاءِ ابديت واري زندگيءَ جي تصور جي ڪمي ان تهذيب کي پاڻ الائي ڪيترين مشڪلاتن مان گذاريو ۽ پريشان ڪيو آهي. مان اها ڳالهه وثوق سان چوان ٿو ته اتان جي سوسائٽي انساني مسئلن ۾ هتان کان وڏيڪ تجربن مان گذري آهي، ليڪن انهن سڀني تجربن جي نتيجي ۾ هو زندگي گهارڻ جا رڳو ميڪانڪي طريقا سولا بڻائي سگهيا آهن ۽ انسان ذات جي تخليقي مقصدن، همه گير ۽ عظيم آدرشن ۽ ابديت واري فڪر جي رازن کان وانجها رهجي ويا آهن. بيشڪ ان سماج ۾ صدين جي هٿوراڙين کانپوءِ رواج ۾ آيل ڪاروبار ۾ ايمانداري، معاملن ۾ سڌرائي، عهد جي پابندي، فرض شناسي، وقت جي پابندي، وطن پرستي ۽ اجتماعيت جي احساس جهڙا گڻ قابل قدر آهن ليڪن محبت جي پاڪ صاف ۽ مادي مصلحتن کان مٿانهين قدر، شرم ۽ حياءَ، پاڪدامني، ادب ۽ شفقت، هڪٻئي لاءِ ايثار ۽ الفت، ڪٽنب پروري، نرم دلي، ٻين جي حقن جي لحاظ کان سواءِ انسانيت جا آدرش اڻپورا ٿا لڳن.

جيتوڻيڪ گذريل صدين جي علمي ۽ فڪري ڪاوشن مغربي ۽ مشرقي تهذيب جي خامين ۽ خوبين کي لڪيڙي نروار ڪري ڇڏيو پر اسان وارن ”مغربي ديوانن“ ان کي به ليکي ۾ نه آندو. ڳالهه صرف جيڪڏهن مغربي تهذيب جي هر ڳالهه ۾ اکيون ٻوٽي تقليد ڪرڻ تائين محدود هجي ها ته به خير هو. ليڪن انهن سڌڙين عاشقن مورڳو ئي هتي مسلمانن جي تهذيب ۽ اسلامي فڪر جي خلاف پڻ بغاوت جو جهنڊو اپو ڪيو. مسلمانن جي

اندر رجعت پسند ڏرين جي ڳالهين ۾ طريقي کي آڙ بڻائي اسلامي فکر کي ته بلڊوز ڪيو ئي پئي ويو ليڪن الله، ان جي رسول صہ ۽ قرآن کي بہ معاف نه ڪيو ويو. حالانڪ الله صرف مسلمانن جو خدا نہ هو. رسول صہ پوري انسانيت لاءِ رحمت ۽ چڱائيءَ جو پيغمبر هو ۽ قرآن مجيد انساني ڀلاين جو سڀ کان وڏو ۽ آخري الهامي، فطري ۽ پريڪٽيڪل دستاويز آهي.

گذريل ٽن ڏهاڪن کان وٺي انهن عاشقن پنهنجي سرڪشي ۽ ضديت ۾ گهڻايو ڪونهي. اسان جو علم، اسانجو ادب، اسانجون محفلون ۽ مجلسون اسانجون ڪچهريون ۽ فنڪشن اسان جا تعليمي ادارا، اسانجا سبق ۽ اسان جي تربيت سڀ ان کان متاثر ٿيا آهن. ٽيهن سالن جي اندر ان جو لاڀ اسان جي سامهون هن صورت ۾ موجود آهي ته اسان جو نوجوان هن وقت ويڳاڻپ جي اهڙي ڏيڍ ۾ ڦاٿل آهي جتان نڪرڻ جي ڪيس ڪا واٽ نٿي سجهي. سياسي طور تي اسانجو اقتدار اسان جي هٿ ۾ ڪونهي. سماجي طور تي ڪو منظم نظام ڪونهي. تعليمي نظام کان سڀ بيزاريءَ جو اظهار ڪريون ٿا. پنهنجي مستقبل جي باري ۾ اڻ تڻ جو شڪار آهيون. تمدني نظام جي تباهي انهيءَ شڪ ۾ وجهي ڇڏيو آهي ته ڇا موهن جو دڙو اسان سنڌين جو ورثو آهي يا ان کي ڪنهن ٻئي خطي مان زمين جي چڪي پٽي منتقل ڪيو ويو آهي!

تعليم جي تباهيءَ جي حوالي سان مٿي بيان ڪيل پوين بالواسطه ڪارڻ باقي ٻين سڀني ڪارڻن جو بنياد آهي. استادن جي غير ذميواري، والدين جي بي توجهي، ماڻهن جي غفلت ۽ اياڻائي ۽ اهڙا جيڪي بہ ٻيا سبب ٿي سگهن ٿا انهن جي پنيان محرڪ خدا کان اسان جي شعوري ۽ لاشعوري لاتعلقي ۽ ان جي نتيجي ۾ زندگيءَ لاءِ ڪنهن بہ ضابطي جو پابند نہ هئڻ جي صورتحال آهي ۽ اهو ئي اُها اجوڪي سنڌ جو سڀ کان وڏو بحران آهي. انهيءَ ڪري اسان جڏهن ايڪويهين صديءَ لاءِ تعليم جي تياري جي ڳالهہ ڪريون ٿا ته پوءِ اسان کي پوئين عرصي ۾ پنهنجي سماج جي هن سڀ کان وڏي گهوٽالي جو تدارڪ ڪرڻو پوندو. هيءَ ئي اڪيلي واٽ آهي جنهن سان اسان ويڳاڻپ ۽ بي راهہ روي ختم ڪري بي نشان منزل واري سفر جي پڄاڻي ڪري سگهون ٿا. هيءَ ئي واٽ آهي جنهن سان خود اسان تعليمي تباهيءَ جي سڌن سنون ڪارڻن کي منهن ڏيڻ جي لائق بڻجي سگهون ٿا. اسان جي ذهنن کي ڪا ڌاري قوم يا ڪو مرڪز ايستائين غلام بڻائي رکي سگهي ٿو جيستائين اسان پنهنجي ڳچين ۾ غلامين جا اهڙا طوق وجهڻ تي خار نٿا کائون. غلاميءَ تي خار کائڻ جو عمل تڏهن شروع ٿيندو آهي جڏهن ڪنهن وڏي مقصد لاءِ آزاديءَ سان جيئڻ جو احساس پيدا ٿئي.

ايڪويهين صديءَ ۾ تعليم جي حوالي سان جڏهن اسان ڳالهہ ڪريون ٿا ته سائنسي تعليم جو سڀ کان اهم موضوع اسان جي سامهون اچي ٿو. ليڪن سائنس جي باري ۾ اسان جي سوچ جو انداز ڇا آهي؟ سائنس جيڪا سموري انسان ذات جي فڪري ۽ فني صلاحيتن ۽ ڪاوشن جو نتيجو آهي ۽ اهي صاحيتون انسان ذات کي مليل خدائي ڏات آهن ۽ اهڙيءَ طرح اُها خدا جي حڪمت آهي جيڪا انسان کي علم الانسان مالم يعلم بڻجي عطا ٿي. ليڪن سائنس جي يورپ ۾ ورتل مادي ويس ان حڪمت ۽ عطا کي نتيجن ۾ ڪيڏو ابتو بڻائي ڇڏيو. انسان اوڻويهين صديءَ ۾ سائنس جي ترقيءَ جا سڀ منظر ڏٺا آهن. ان جا بہ ڀرپور عملي اظهار ٻن عالمگير جنگين جي ذريعي سامهون آيا. ٻنهي جنگين ۾ ڪروڙين انساني جانيون ڪم آيون. تمدني ۽ تهذيبي تباهيءَ جو ته ڪاٿو ئي ڪونهي. ان کان پوءِ ٻنهي جنگين جي نتيجي ۾ ٿيل معاهدن ذريعي انساني سوسائٽيءَ کي جيڪو رڳڙيو ويو سو بہ ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. سائنسي ترقيءَ جو 50ع ۽ 60ع وارن ڏهاڪن ۾ بہ اوج سامهون آيو. خلا کي تسخير ڪري ڪائنات جي وسعتن ۽ گوناگونين ۾ جهاتيون پائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ليڪن ساڳئي وقت نئون نوآبادياتي نظام جنهن نموني دنيا جي ڪمزور قومن جي مٿان ڪاريهر نانگ وانگر مسلط رهيو ۽ ان جي نتيجي ۾ انسانيت سان جيڪي ڪيس ٿيا تن جي انگن اکرن ڪٿي ڪرڻ جي بہ ڪو همت نٿو ساري سگهي.

ماديءَ ترقيءَ جي انتهائن کي ڇهڻ جي باوجود انساني مسئلن جي حل ۾ چڱاين جي ان کوٽ، خود يورپ کان دانهن ڪيرائي ڇڏي آهي. رابرٽ هيچز چواٽي "دنيا هڪ ئي وقت ٻن مخالف هنڌن تي پهچي وئي آهي. معلومات، ڪاريگري ۽ فطرت جو غلبو جيترو مٿانهين چوٽيءَ تي آهي، اخلاقي ۽ سياسي ڊيوالپٽي جي حد اوتري هيٺانهين ڪاهيءَ ۾ آهي."

ايچ جي ويلز جي راءِ ۾ "هن دور جي سڀ کان وڏي لعنت اها آهي ته طاقت ۽ قوت ته آهي پر ان جو استعمال صحيح نہ آهي. دماغ ته آهي پر ان کان ڪم وٺڻ جو ذريعو نہ آهي. اهڙو ڪو نصب العين نہ آهي جيڪو نوجوانن جي جذبن ۽ حوصلن کي استعمال ۾ آڻي. هڪ طرف ايتري هوند ۽ ٻئي طرف ايتري اڻهوند. اهو اسان جو سڀ کان وڏو الميو آهي. تنهن هوندي بہ شُڪر جو اسان جي اندر ان نصب العين جي ڳولا جو مادو فنا نہ ٿيو آهي ۽ ان مان اميد آهي ته شايد اسين نئين دور کي پيدا ڪري سگهون ۽ اخلاقي ۽ مذهبي قدرن جي نہ هجڻ سان اسان جي زندگين ۾ جيڪو خال پيدا ٿي ويو آهي، اهو پرجي سگهي. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو ته اسان جي تهذيب پاڻ ۾ ٽڪرائجي پورا پورا ٿي ويندي. جيڪڏهن اسان کي بچڻو آهي ته

پنهنجي لاءِ ڪو مذهب تلاش ڪرڻو پوندو، جنهن کي اسين دل سان مڃون ۽ ان جي اصولن تي پنهنجي زندگي هلايون.“

سائنسي ترقيءَ جي نتيجي ۾ انسان کي زندگي گذارڻ جي سهولتن جي حوالي سان جيڪو به فائدو رسيو آهي، انسانذات لاءِ مفيد فڪر سان ان کي اجا به وڌيڪ مؤثر بڻائي سگهجي پيو ۽ جيڪي به نقصان رسيو آهي ان کان بچي سگهجي پيو. يورپ جي سنجيده علمي طبقن ۾ پڻ انهيءَ ڳالهه جو نه صرف احساس اپريل آهي بلڪ ان تي ڳڻ ڳوت به ٿيندي رهي آهي. انهي مقصد لاءِ هو فڪري طرح مختلف تجربا ڪندا هاڻي انهيءَ نڪتي تي پهچي رهيا آهن، جنهن جي نشاندهي هڪ الاهياتي فڪر جي صورت ۾ آئن اسٽائن ۽ ايچ جي ويلز ڪين ڪري ڏني هئي. ليڪن اسان لاءِ ته انهيءَ کان به گهڻو اڳ سنڌ جي صوفياڻي روح ذريعي اهي واٽون نروار ٿيل آهن پر بدقسمتيءَ سان اسان انهن تي هلڻ ڇڏي ڏنو آهي.

انهيءَ ڪري اسان ايڪويهين صديءَ ۾ ايچ جي ويلز چواڻي هڪ طرف ايتري هوند (يعني سائنسي ترقي) ۽ ٻئي طرف ايتري اڻهوند (يعني فڪري غربت) جي تضاد ۽ فاصلي کي ختم ڪري هڪ نئون جهان اڏي وجهون ته اها ڳالهه نه صرف هن خطي جي ماڻهن جي هزارين دردن کي مٽائڻ جو سبب بڻبي بلڪ باقي دنيا جي قومن لاءِ پڻ هڪ مثال بڻجي سگهي ٿي. انهيءَ ڪم جو آغاز اسان سنڌ جا ماڻهو هتان بخوبي ڪري سگهون ٿا. انهيءَ ڪري جو سنڌ ئي اهو واحد خطو آهي جيڪو شاهه عنايت شهيد، مخدوم محمد معين ٺٽوي، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو انسان دوست ۽ همه گير فڪري پسمنظر رکندڙ آهي ۽ اڪثر دنيا جي عام الاهياتي تصورن کان ته ٻي دنيا ڏنل پڻ آهي، ان ڪري سنڌ جي صوفي روايتن سان رچيل اسلام جي حقيقي خدا پرست – انسان دوست فڪر سان انسان ذات جو هي عالمگير الميو سولائيءَ سان ختم ڪري سگهجي ٿو. انڪري ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته اسان الاهيات جي صوفياڻي روين ۽ شعور کي سائنسي انداز فڪر (Scientific Aproch) سان پرکڻ ۽ سمجهڻ جي ابتدا ڪريون.

عام طور تي سائنس مان هڪ خاص موضوع مراد ورتو ويندو آهي. ڪجهه ماڻهن وٽ سائنس جي معنيٰ آهي هڪ شيشي جي نليءَ ۾ رنگدار پاڻياٺ، ڪن وٽ طبعياتي ليبارٽريءَ جو سامان ۽ ڪن وٽ اصطلاحات جو اهڙو مجموعو جنهن ۾ رياضياتي فارمولا ڦهليل هوندا آهن. حالانڪ حقيقت هيءَ آهي ته ”سائنس“ مطالعي جي هڪ خاص طريقي جو نالو آهي جنهن جو اطلاق هر موضوع تي ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري جتي سائنس جي ترقي آهي اتي هينئر ڪوبه علم آرٽ نٿو ليکيو وڃي، بلڪ سڀ علم سائنس ڪري پڙهيا وڃن ٿا. انهيءَ صورت ۾ ڇا اسان لاءِ انهيءَ ڳالهه جي گنجائش موجود آهي ته اسان الاهيات کي به سائنسي علم جي طور تي پڙهون؟ سماجي سائنس اڄ انسان جي سماجي ڪارج ۽ سندس تخليقي وجود جي مقصد جي حوالي سان اها ڳالهه تسليم ڪري رهي آهي ته انسان جي خالق خدا جو وهنوار، خدا جي جوڙيل جوڙ، خدا جا طريقا ۽ خدا جا قانون باقاعده آهن. اها باقاعدگي مڃڻ ۽ ان کي هڪ علم جي حيثيت ۾ مرتب ڪرڻ خود سائنس جي به تقاضا آهي ۽ سائنس اهوئي انسان کان گهري ٿي. انهيءَ ڪري انهيءَ ڳالهه جي حقيقتن کي عملي شڪل ڏيڻ جي ضرورت آهي ته الاهيات کي سائنسي طريقي تي پڙهيو وڃي. جڏهن اسان الاهيات کي فطرت جي شاهڪار نظام ۽ ڪارفرماين جي تناظر ۾ سائنس طور پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿا وڃون ته پوءِ باقي عمراني ۽ معاشرتي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪابه رڪاوٽ اسان جي آڏو نه رهندي. انهيءَ ڳالهه کي آمريڪا ۽ يورپ جا فاضل ليڪ به شدت سان محسوس ڪن ٿا. واشنگٽن يونيورسٽيءَ جي شعبه عمرانيات جي صدر جارج لنڊبرگ ساڳي ڳالهه هنن لفظن ۾ بيان ڪئي آهي:

”مان انهيءَ ڳالهه سان اتفاق ڪريان ٿو ته اسان جي جديد تعليم ۾ ڪنهن تاليفي تربيت جي کوٽ آهي جيئن الاهيات، جنهن جو انتظام وچين دور ۾ ٿيندو هو.“

اسان جي سڀ کان وڏي بدقسمتي هيءَ آهي ته اسان الاهيات کي هميشه ملان جو معاملو پئي سمجهيو آهي ۽ ملان وري هميشه انهيءَ تي پنهنجي ٺيڪيداري ۽ اجاره داري جتائي آهي. جڏهن ته جڳن کان وٺي اسان وٽ الاهيات رواداريءَ ۽ انسان دوستي واري صوفياڻي سرشتي جي صورت ۾ ان ٺيڪيداري ۽ اجاره داريءَ کان آجي هئي، انهيءَ ڪري عام خدا جي خلق تي انهيءَ جا گهرا اثر هئا. مُلن واري اجاره داريءَ کان پوءِ اسان ان پاسي کان ايئن ئي ويڳاڻا ٿي ويا آهيون جيئن سنڌ جي شهرن ۾ ڌارين جي اجاره داريءَ کان پوءِ اسان انهن شهرن کان به بي نياز ٿي ويا آهيون. عجب فطرت آهي اسان جي، جيڪو به جنهن تي حق جتائي ٿو اسان ڇئون ٿا ته توکي پرتو ۽ هو وري الله جي نالي کي ماڻهن جي استحصال جو ذريعو بنائيندو پيو وتي. ڪن کي ڪافر قرار ڏئي ته، ڪن کي مخالف فرقي جي آڙ ۾. انسان هوندئن ته جيڪڏهن الله جي فرمانبرداري ۽ لحاظ کي خاطر ۾ رکي، الله جي

مخلوق ۾ ان جي رضا ڳولي تہ مومن آهي ۽ جيڪڏهن انهن ٻنهي ڳالهين کان وانجهو تہ ڪافر آهي. پر ملان وٽ ايمان ۽ ڪفر جا پيمانا ئي بدلجي ويا.

دوستو! اوهان پنهنجي فطري ورثي کي ڪٿي ڪٿي ڇڏيندؤ! انهيءَ سادگي ۽ اپاٽائيءَ جو ڪٿي ڇيھہ بہ ٿيندو يا نہ. اسان جي انهيءَ سادگيءَ جي سزا ايندڙ نسل جنهن نموني ڀوڳيندا ان جو ڪو اوهان تصور بہ ڪيو آهي! بلڪ هن وقت جيڪا صورتحال آهي اوهان ان جو رڳو مٿاڇرو مشاهدو ڪيو. پوين ٽن چئن ڏهاڪن ۾ اوهان کي ڊاڪٽرن, انجنيئرن, سياستدانن ڪامورن, وڪيلن, ڪاروبارين وغيره جو هڪ وڏو تعداد ميسر ٿيو آهي. اوهان ايمانداريءَ سان ٻڌايو تہ ڪيترا انجنيئر آهن جن بي لوث ٿي سنڌ جي تمدني تعمير ۽ انساني خدمتن جي سهولتن کي سنواري ورتو آهي؟ ڪيترا ڊاڪٽر آهن جيڪي اسان جي ماڻهن جا عيسيٰ ۽ مسيحا بڻيا آهن؟ ڪيترا ڪامورا آهن جيڪي انسانن جي ڀلائيءَ ۾ پنهنجي آدرشن ۽ ايمان کي تلاش ڪن ٿا؟ ڪيترا سياستدان آهن جن اسان لاءِ خدا جي مخلوق هئڻ جو احساس رکي پنهنجي خود غرضين کي ڇڏي اسان لاءِ جيئڻ ۽ اسان لاءِ مرڻ جي واٽ ورتي هجي؟ سماج جي هڪ هڪ طبقي تي نظر وجهو ۽ انهن کي سنڌي سماج جي بي لوث اجتماعي ڏارا ۾ ملائڻ جي ڪوشش ڪريو. يقين ڪريو تہ خوردبيني بہ انهيءَ ڪم ۾ اوهان جي مشڪل سان مدد ڪري سگهندي.

اوهان جي سماج جو وڏي کان وڏو خدمتگار ويھہ هزار رپيا مهيني جي آمدنيءَ تي اڪتفا ڪري پنهنجي سماجي خدمتن کي جاري رکي نٿو سگهي. ڪنهن بہ غير ملڪي اداري جي لک ڏيڍ مهيني جي پگهار هن جي ڊوڙ ۾ اسپيڊ بريڪر پيدا ڪري سگهي ٿي. هڪڙو دور هو جو اوهان جا اهڙا ڪردار سينگار لاءِ گهر ۾ آئيني رکڻ جو پوتو نہ پائيندا هئا. ديوان ڏيارام گدومل ڪورٽ ۾ ويڄڻ وقت پنهنجو پٽڪو دروازي جي چوڪاٺ ۾ لڳل شيشي جي ٽڪرين سان سنواريندو هو. اڄ اوهان جا سڀ طريقا پنهنجي حيثيت (Status) حاصل ڪرڻ ۽ قائم رکڻ جي چڪر ۾ ڪٿي کان ڪٿي پهتل آهن.

مون هن مجلس ۾ جنهن ڳالهہ جي طرف توجهہ ڇڪرايو آهي ان جو فوري تعلق اسان جي سماج جي علمي طبقن سان آهي, ليڪن اسان علمي طبقن جي حد کي ڪن خاص شخصن تائين محدود نٿا سمجهون. ان ڳالهہ جا سڏ ۽ واڪا ڪٿي بہ ڪري سگهون ٿا ۽ ڪٿان بہ ان جي موٽ ملي سگهي ٿي. بجا طور تي اسان هتي ويٺل تعليمي نظام ۾ هيڏي ساري مجوز فڪري ۽ انقلابي تبديليءَ لاءِ کي بہ اپاءَ نٿا وٺي سگهون ليڪن اسان ايترو ضرور ڪري سگهون ٿا تہ هن مجلس ۾ موجود اسان ماڻهو پنهنجي اولاد کي رائج تعليم سان گڏ اخلاقيات, ماڻهپي ۽ اعليٰ انساني قدرن جي تربيت لازمي طرح ڏيون. انهن جو خدا سان ايترو شعوري تعلق سگهارو ڪيون جو اهي مان ۽ ذات جي خول مان نڪري سماج ۽ انسانيت جي ڪل جو هڪ جز بڻجي پون. سماج جا ڪارآمد فرد ثابت ٿين ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ ايترو ضرور ڪري وڃن جو سماج کي ڪجهہ اربي وڃڻ جي اطمينان سان مري سگهن ۽ ڪين پنهنجي ابدي زندگيءَ ۾ شرمساريءَ جو منهن ڏسڻو نہ پوي. اوهان مان جيڪي بہ هتي موجود آهن يا جيڪي بہ ٻين تائين چڱائي جي ڳالهہ رسائڻ کي پنهنجي زندگيءَ جي آدرشن ۾ شامل سمجهندا آهن. سي هن ڳالهہ جو پڪو عزم ڪري اٿو تہ اوهان پنهنجي شاگردن ۽ اولاد سان محبت ۽ دوستيءَ وارو رويو اختيار ڪيو ۽ ان دوستاڻي ماحول ۾ انهن سان انسانذات جي خدمت, زندگيءَ جي ازلي حقيقتن ۽ دنيا ۾ خدا ۽ انسان جي رشتي جي ضرورت ۽ تقاضائن تي ڳالهايو خيالن جي ڏي وٺ ڪريو. پنهنجو مطالعو ۽ مشاهدو انهنجي اڳيان رکو ۽ انهن جي رهنمائي ڪيو.

بدقسمتيءَ سان اسان جي تعليمي شرح افسوسناڪ حد تائين گهٽ آهي. اسان وٽ ان شرح کي وڌائڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ موجوده وقت جو هڪ وڏو جهاد آهي. جيڪڏهن اسان ان جهاد ۾ پنهنجي سماج جي ٻارڙن کي خدا, انسان, زندگيءَ ۽ ڌرتيءَ جو شعور ۽ ساڃهہ ڏيڻ ۾ ڪامياب وڃو ٿا تہ پوءِ پڪ ڄاڻو اسان پيغمبري عمل ۾ ساٿاري بڻباسون ۽ اسانجي زندگي پڻ سجائي ٿيندي.

**************
**********
*******

# اڇو ته سنڌ جي تعليم جي تباهي روڪيون

ايم لغاري

اسان مان هر ڪو ڪنهن نه ڪنهن نموني سنڌ جي تعليم جي تباهيءَ جو ذميوار آهي پر بنيادي عنصر ۾ نصاب (Curriculum) آهي، جيڪا تعليم لاءِ ڪرنگهي طور سڃاتو ويندو آهي. هي لاطيني زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ اهڙو رستو (Runway) آهي، جنهن تي هلندي ماڻهو پنهنجي منزل تائين پهچندو آهي پر اسان وٽ نصاب جي ڪا به اهميت نه آهي. امداد ڏيڻ وارن جي مرضي ڪڏهن رڳو جهادي لٽريچر ته ڪين جهادي ڪپن ۽ وري انهن جي منشا تي اهڙو حوال ڪيڻ ته هاڻ جهادي نه پر صوفي ڪپن. ڪالهه حڪومتي ادارن طرفان جن کي غدار ڪوٺيو ويو ۽ جن کي ڦاهي چاڙهيو ويو وقت بدلجڻ سان گڏ تن کي ”هيروز“ ۾ شمار ڪري نصاب ۾ شامل ڪيو ويو. معنيٰ نصاب جي ڪا به مستقل مزاجي نه رهي ۽ جڏهن به چاهيو ويو ته ان جي روح کي تبديل ڪيو ويو ۽ نصاب جو اصل محور ٻار (Children) آهن ۽ سڄو نزلو ان جي سوچ تي ڪريو آهي ۽ ايترن سارن (Subject) مضمونن جي ڪاپين جو وزن معصومن جي ڪلهن تي ڪريو آهي. ڇا ٻار جي عمر ڇا مضمون، ڇا انهن جون ڪاپيون، ڇا انهن جو وزن ۽ ڇا معصوم ٻار؟ پرائمري سطح تي ئي ٻوليون، سنڌي، انگريزي ۽ اڙدو لکڻ ۽ پڙهڻ، سائنس، سماجي اڀياس ۽ حساب دينيات هيترا سارا مضمون پرائمري سطح تي نه فقط سکڻ پر انهن جي درسي ڪتابن جو ڪنهن رومال جيان وزن ڪڻڻ... ڪير به سوچڻ وارو ڪونهي... ڪير به تبديليءَ لئه قدم اڳتي نه ٿو وڌائي؟ نصاب ڪان پوءِ حڪومت ۽ بئوروڪريسيءَ جو ڪردار هوندو آهي. حڪومت جو فرض هوندو آهي ته تعليم کاتي ۾ اهڙن آفيسر کي رکيو وڃي جيڪي خود به تعليم دوست استاد دوست ۽ تعليم جا ماهر هجن. پر هتي ايئن نه آهي هتي رسم آهي ته ”مال ڪمايو مال رسايو“ باقي تعليم جي معيار سان انهن کي ڪهڙو سروڪار. ڇاڪاڻ ته انهن جا ٻار سرڪاري اسڪولن ۾ نه پر ڪنهن شهر جي نامي گرامي پرائيويٽ اسڪول ۾ پڙهن ٿا. هر حڪومت تعليم کاتي ۾ استادن جي ڀرتين کي ”سياسي رشوت“ طور استعمال ڪيو آهي. افسوس اهڙن ماڻهن کي استاد طور ڀرتي ڪيا ويا آهن، جن جي اهليت ۽ قابليت نه هئڻ برابر آهي. روزگار جو مطلب اهو نه آهي ته اهڙا ماڻهو استاد طور ڀرتي ڪيا وڃن جيڪي قوم جي مستقبل سان کيڏن ۽ اهڙن سفارشي استادن جي ڪري استادن کي ” ماستر“ جي لقب سان نوازيو ويو ۽ ڏوهه حڪومت ڪيو ۽ ان جي سزا اهل استادن ۽ تعليم کي اُها ملي جو اهڙا استاد تعليم جي مٿان بار آهن. دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ تعليم جي معاملي ۾ ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو آهي، جيڪا ڪاميٽي استادن مقرر ڪندي آهي سا ڪاميٽي رٽائرڊ استادن ۽ ماهرن تي مشتمل هوندي آهي ۽ ان تي ڪو به

سياسي سماجي پريشر نه هوندو آهي پر اسان وٽ جيڪا سرڪاري اسڪولن جي حالت آهي سا سڀن جي سامهون آهي. وڏيرن ۽ بااثر ماڻهن هڪ ته پنهنجا ماڻهو ڀرتي ڪرايا ته ڪان منشي جو ڪم وٺن ۽ ٻيو ته اثر رسوخ جو استعمال ڪندي پنهنجن پنهنجن ٻنين ۾ اسڪول ٺهرايا جيڪي اسڪول نه پر انهن بااثر ماڻهن جون ذاتي اوطاقون ۽ گودام آهن. اُستاد، معاشرو، مائٽ ۽ استاد تنظيمون انهن جو به هڪ خاص ۽ اهم ڪردار آهي ۽ حقيقت ۾ ڏٺو وڃي هر حڪومتي يا غير حڪومتي نمائندو هر فورم تي تعليم جي تباهي جو ڪارڻ هڪ استاد ۽ ٻيو استاد تنظيمن کي ٺهرائين ٿا. آخر ايئن ڇو! ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم هوندو آهي پرائمري سطح تي ٻارن کي پڙهائڻ ۽ وري اُتي اهڙا استاد ڀرتي ٿيل هجن جن مان نه اُس ۽ نه وري ڇانو. اهڙي ٻوسٽ واري ماحول ۾ وري پڙهائيندڙ استادن جو ڪو به قدر نه آهي. آفيسر به انهن استادن کي داٻا ڏيندا جيڪي پرهائيندڙ ۽ ريگيولر هوندا. سرڪاري اسڪول ۾ ٻار کي مائٽ داخل ڪرائڻ ڪان پوءِ بي اونو آهي. فرض ڪريو ته والدين جن جا ٻار اسڪولن ۾ پڙهن ٿا ٿلهو سي مڙسي ڪن ته به ڪجهه نه ڪجهه فرق پئجي وڃي. اگر 20 ڪن مائٽ اسڪول جي ٻاهران احتجاج ڪن ته سائين اسان جي ٻارن کي ڪالهه به ساڳيو سبق ۽ اڄ به ساڳيو سبق، ڀلا هنن معصومن ڏوهه ڪهڙو ڪيو.8 استادن مان 6 جو ٿا اچن 2 ٻيا استاد ڪيڏانهن ويا. ميڊيا ۽ اخبارن جي خواري جي ڊپ ڪان بچڻ لئه ڪجهه نه ڪجهه بهتري ضرور ۽ ضرور ايندي پر ٻهراڙين جي هوٽلن تي ويهي فلمون ڏسندا ۽ اجايا سجايا "شو" ڪندا. ٻارن جي تعليم سان انهن کي ڪهڙو سروڪار؟ مطلب ته حڪومت هجي يا بئروڪريسي، استاد هجي يا والدين، معاشري جا فرد هجن يا استاد تنظيمون، تعليمي ماهر هجن يا سماج سڌارڪ سڀ جا سڀ نه فقط اسان جا رويا تعليم دشمن آهن. بلڪه اسان ايندڙ "مستقبل جي ٻار" جا ويري آهيو ۽ ٻيون ته ٺهيو جڏهن اسان جون يونيورسٽِيون مادر علمي مقتل گاهه بڻيل آهن. انهن معصوم لاشن ۽ مجبور مائٽن جي لڙڪن آسن اميدن جا ذميوار ڪير آهن. ڪير آهن جيڪي سنڌ جي تعليم سڌرڻ نٿا ڏين. انهن لاءِ هر هڪ کي سوچڻ گهرجي. ان لاءِ حڪومت تي فرض ٿو عائد ٿئي ته گهٽ ۾ گهٽ ٽي روزه تعليمي ڪانفرنس جو اهتمام ڪري جنهن ۾ سڀ جو سڀ سياسي تنظيمون، استاد تنظيمون، شاگرد تنظيمون، سماجي تنظيمون، تعليمي ماهر، رٽائرڊ استاد، ليکڪ ۽ اديب، ميڊيا جا سرواڻ ۽ مطلب ته هر مڪتبه فڪر جي ماڻهن گڏ ڪيو وڃي ۽ پوءِ انهن راين تي مشتمل تجويزون عمل ڪرايو وڃي. مانيٽرنگ تعليم جي درسگاهن ۽ معيار جي "ڪانفرنس جا نمائندا" ڪن ۽ حڪومت ۽ حڪومتي عملدار انهن جي ماتحتي ۾ ڪم ڪن ته هوند سٺا اثر نڪرڻ شروع ٿي ويندا.

***********

*******

***

## چنڊ جهڙا پرين



**عبدالڪريم پلي** صاحب ناري پٽ جي تهذيب ۽ فضيلت جو هڪ اهڙو اهڃاڻ هو جنهن جي علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ شاعراڻي وڏائي جو اعتراف سموري سنڌ تي ڪري.

سنڌ جو هي مٽيادار ماڻهو ناري پٽ جي ناميار زميندار خانصاحب عطامحمد پلي جي گهر 21 آگسٽ 1940ع ۾ پيدا ٿيو.

هن جي 75 هين سالگرهہ جي موقعي تي "سامي سماچار" جا ڪجھ ورق سندس نالي ڪندي اسين ڪيس محبت سان ياد ڪرڻ ٿا چاهيون.

اهي مرد جن تي ڪيا بي تحاشا
فداسر خدارا، وري ياد آيا:

### عبدالڪريم پلي متعلق
### سنڌ جي شعور جو اظهار

- محترم ڪريم پلي کير سڏائي، ههڙا ماڻهو صدين ڪانپوءِ ٿيندا.

**ڊاڪٽر غلام علي الانا.**

- عبدالڪريم جي وڇڙ سان ايئن پيو پانيان خود منهنجو هڪ حصو مري ويو آهي.

**شمشير احيدري.**

- سندس غزل مون کي بيحد پسند ايندو هو سندس ڪيترا اشعار ڏاڍا وڻندا آهن

**مخدوم جميل الزمان.**

- هن بدنصيب جهان مان عبدالڪريم پلي صاحب بہ ڪڏي ويو

**سيد صالح محمد شاهہ.**

- تاريخ 4 نومبر 1991ع تي نہ رڳو ناري جي سنجيده سياست جو باب پورو تي ويو پر علم، ادب، شعر ۽ رچ چڱ مڙسائي جي سج کي مٽن متي هيٺ دفن ڪيو ويو

**عبدالواحد آريسر.**

- آئون سندس شخصيت ۽ خاندان جي تاريخ تي هڪ اهڙي تحرير لکندس جيڪا تاريخ جي ايندڙ سيني دورن ۾ منهنجي "ڪريم" سان عشق ۽ عقيدت جي ساکي رهندي

**اسد "جمال" پلي.**

- سندس پياري شخصيت ۽ دلربا رويي کي ڏسي مان تہ متس عاشق تي پيس.

**نصير مرزا.**

وئي گم تي اسان کان، اها هيري جي ڪٽي هئي،
هن دور خرابيءَ ۾ گهرج ان جي گهٽي هئي،

مهتاب جو پرتوو هو اهو شخص بلا شڪ،
صورت بہ سندس جڻ تہ ستارن مان ڇٽي هئي،

ڪمزور ۽ بي پهچ جو هو يار و مددگار،
فرعون صفت واسطي نيزي جي اٽي هئي

عبدالڪريم پلي

# عبدالڪريم پلي چند يادگيريون

**عبدالغفار صديقي**

" عمرڪوٽ " ۽ " پاٽ شريف " جو ناتو ڏاڍو پراڻو آهي. همايون پاٽ شريف ۾ شادي ڪئي ۽ ڪيس مغل اعظم اڪبر جهڙو فرزند عمرڪوٽ ۾ ڄائو. ڪيترو نه تاريخي ڳهرو ناتو آهي سنڌ جي انهن ٻن ماڳن جو تاريخدانن جو چوڻ آهي ته تاريخ هميشه پاڻ کي دهرائيندي آهي، سو پاٽ شريف ۽ عمرڪوٽ جو ناتو به اهڙيءَ طرح پاڻ کي دهرائيندو رهيو آهي. اهو ناتو سماجي هجي، سياسي يا ثقافتي هجي يا تعليمي ۽ مذهبي.

هتي جنهن ناتي جي آءٌ ڳالهه ڪندس سو محبت، پيار ۽ پاڇي جو ناتو آهي. منهنجو جنم پاٽ شريف جي علمي ۽ ادبي خاندان ۾ ٿيو جتي شروعاتي تعليم حاصل ڪرڻ بعد اعلي تعليم لاءِ شهرن جو رخ ڪيم ۽ پوءِ تعليم کاتي ۾ نوڪري انهي خيال کان شروع ڪيم ته سمجهيم ته ان جهڙو پاڪ صاف پيشو ٻيو ڪو به نه آهي. نوڪري ڪندي ڪندي آڪٽوبر 1965ع ۾ مونکي بدلي ڪري عمرڪوٽ تعلقي جو اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس مقرر ڪيو ويو. چارج ورتي اڃا ٻه ڏينهن مس گذريا هوندا ته هڪ سهڻو نوجوان منهنجي آفيس ۾ اچي مون سان مليو ۽ پنهنجو مختصر تعارف ڪرائيندي چيائين ته ٻندو ڪريم پلي آهي ۽ جيڪڏهن ڀلجان نٿو ته اوهان اهي ساڳيا صديقي صاحب آهيو جنهن جون عبرت اخبار جي ٻارن واري صفحي تي نصيحت ڀريون سادي ۽ سليس ٻوليءَ ۾ آکاڻيون اينديون رهنديون آهن ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان به ٻارڙن جي پروگرامن ۾ عام واقفيت ۽ مختلف موضوعن تي ڳالهيون ٻوليون ٿينديون رهنديون آهن.

منهنجي حيرت جي حد نه رهي جڏهن مون ڏٺو ته هيءَ اها ڄاءِ آهي جتي آءٌ اڃا ڪڏهن به نه آيو هئس. اتي هيءَ دوست مونکي ايترو ڪيئن ٿو سڃاڻي. پر پوءِ ٿوري وڌيڪ گفتگو ڪرڻ مان خبر پئي ته پاڻ پنهنجي ڳوٺ خانصاحب عطا محمد پليءَ ۾ سنڌي ادب کي سهيڙڻ، سانڍڻ فروغ ڏيڻ لاءِ هڪ ادارو " اداره نوائي ادب " جي نالي سان قائم ڪيو اٿس جنهن جو پاڻ مئنيجنگ ڊئريڪٽر آهي ۽ انهيءَ اداري جي پهرين پيشڪش " وڻجارن وايون " ڪتاب آهي جيڪو 1961ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو ڪتاب 1963ع ۾ ولي محمد وفا جي شاعري " لنو لنو منجهه لغار " ڇپيو. اهي ٻئي ڪتاب پوءِ مونکي پنهنجي هٿ اکرن سان تحفي طور ڏنائون جڏهن آءٌ پهرين دفعو سندن ڳوٺ ويس.

جيتوڻيڪ سندن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول هو جنهن جو انتظام منهنجي ذمي هو ۽ جيستائين آءٌ ان جو معائنو ڪيان تنهن کان پهرين انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي پهرين ملاقات ۾ ڳوٺ هلڻ لاءِ زور ڪيائين ۽ چيائين ته صديقي صاحب! آفيسريءَ وارو نه آهي بلڪ علم، ادب وارو آهي. آءٌ علم وارن جو غلام آهيان"

پهرين ملاقات ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي منهنجو ڀاءُ عبدالڪريم پلي مونکي ڳوٺ وٺي هلڻ لاءِ آيو. جڏهن ڳوٺ پهتاسين ته جن عالمن، اديبن، محققن ۽ شاعرن جو پهرئين ڏينهن مون سان تعارف ٿيو تن ۾ راڄ محمد پلي ۽ ولي محمد وفا جيڪي سندس ڀائر هئا ۽ محمد عمر معمور يوسفاڻي جيڪو ان وقت پرائمري استاد هو پر سنڌ جي تاريخ جو وڏو محقق ۽ عالم هو.

مونکي سيني ايترو ته گهڻو قرب ڏنو جو مون سيني ۾ حد کان وڌيڪ پنهنجائپ محسوس ڪئي. انهيءَ رات ڳوٺ ۾ ساڻن ڏاڍي سٺي علمي ادبي رهاڻ ٿي. مون کي انهن ٻن سگهڙن جا نالا هن وقت ياد نٿا اچن جن کي پلي صاحب خاص طرح گهرايو هو. مون جيڪو پهريون تاثر هن محفل مان ورتو سو هي هو ته ڀاءُ عبدالڪريم پلي تمام گهڻي ڄاڻ رکڻ جي باوجود به تمام ٿورو ٿي ڳالهايو ۽ ٻين کي ڳالهائڻ جو وڌيڪ موقعو ٿي ڏنو. ٻڌائين گهڻو ٿي ۽ ڳالهايائين ان وقت ٿي جڏهن ڪا خاص ضرورت محسوس ٿي ڪيائين. اها ٿوري ۽ مطلب واري ڳالهائڻ جي عادت پوءِ مون منجهس ساري زندگي ڏٺي.

عالمن، اديبن ۽ شاعرن سان ڪچهريءَ جو ڪوڏيو مرحوم مولانا غلام محمد گرامي هجي يا مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي ، مرحوم ڊاڪٽر محمد ابراهيم " خليل" هجي يا مرحوم محمد خان غني شمشير الحيدري هجي يا مخدوم امير احمد انهن سيني سان مون ڪيس محفلون ڪندي ڏٺو. حيدرآباد جڏهن به آيو ته منهنجي گهر پهرين ايندو هو ۽ پوءِ پاڻ سان گڏ وٺي انهن يارن سان هلي محفلون مچائيندو هو جيستائين آءٌ عمرڪوٽ ۾ نوڪريءَ ۾ هوندو هئس ته گشت ڪانسواءِ باقي سڀ راتيون

ڀاءُ سان سنڌس ڳوٺ ۾ محفلن ۾ گذرنديون رهيون. ان زماني ۾ محفلن لاءِ هڪ خاص ڪڪائين پر سهڻي لانڍي، موجوده بنگلي (اوطاق) جي پاسي ۾ ٺهيل هوندي هئي. جتي سياري ۾ باهه جي مچ تي ۽ اونهاري ۾ ٻاهر چنڪار ڏنل اڱڻ تي محفلون ڄمنديون هيون. چا ته ڏينهن هئا ۽ چا ته وري مهمان نوازي هئي، لسي، ٻاڻي، ٻوڙ ماني هر ڪنهن کي ملندو هو ديسي هجي يا پرديسي، سڄاتل هجي يا اڻ سڃاتل.

عمرڪوٽ مان بدلي تي وڃڻ کان پوءِ ڀاءُ عبدالڪريم پليءَ جو تهان ئي قرب وڌي ويو محبت پريا خط جدا لکي ۽ حيدرآباد جڏهن به اچي ته نه وساري. پنج اٺ مهينا مس گذرن ته زوريءَ ڳوٺ وٺي وڃي ۽ هڪ ٻه ڏينهن ڪچهري ڪري پوءِ وري حيدرآباد اچي ڇڏي وڃي.

انهيءَ عرصي ۾ مون اهو ڏٺو ته جيڪڏهن ڪو به غريب غربو يا هاري ناري ڪڏهن به ڪنهن ڪم سان آيو نااميد يا مايوس ٿي نه موٽيو. ڪم سنڌس ۾ هجي يا ڪنهن به سرڪاري عملدار ۾ هجي، پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري به انهيءَ عملدارن تائين پڇندو ۽ غريب کي ڪم ڪري ڏيندو. مونکي ذاتي طور تي خبر آهي ته سنڌس علائقي جا ڪيترائي غريب هوندا هئا، جن جي تعليم، کاڌي پيتي، لٽي ڪپڙي ۽ روزگار وٺي ڏيڻ جو ذمو پنهنجي سر تي کنيو هئائين. ۽ هر ڏکئي سکئي وقت يا بيماري سيماريءَ ۾ سندن باقاعدي پر گهور لهندو رهندو هو.

ڀاءُ عبدالڪريم مرحوم جو مون سان ناتو پوءِ رت جي رشتي کان به وڌي روحاني رشتي تائين وڃي پهتو يا ٻين لفظن ۾ "الستي" ناتو جڙي ويو ايتري تائين جو جيڪڏهن ڪيس ڪنهن به قسم جي ڪا ڪنهن شخص کان دنيوي تڪليف يا رنجش پهچندي هئي ته ايئن ته مون سان صلاح مشورو ڪندو هو جيئن ڪو پنهنجي گهر جي وڏي سان ڪري ۽ پوءِ پنهنجا حال اوري ڪجهه اندر جو بار هلڪو ڪندو هو انهيءَ سلسلي ۾ ڪي ته حال روبرو اوريندو هو ته ڪي وري خطن ذريعي، (انهن خطن مان ڪجهه خط مون کان محترم ڊاڪٽر اسد "جمال" پليءَ ورتا جيڪي ان وٽ محفوظ آهن)

يار جي فقيراڻي طبيعت - پاڻ به هيٺ زمين تي وهي ته ايندڙ ويندڙ به ساڻس گڏ هيٺ پٽ تي وهن.

سائين مخدوم محمد زمان طالب المولي سندن نهايت عزت ڪندو هو آءُ انهيءَ دعوت ۾ به هئس جنهن ۾ مخدوم صاحب جن سنڌس ڳوٺ آيا هئا ۽ وري انهن محفلن ۾ به ساڻس گڏ رهيس جن ۾ مونکي حيدرآباد مان ڪٺي هالا سائين مخدوم صاحب جنجي خدمت ۾ هليو. مخدوم صاحب سان سنڌس عقيدت هئي ۽ مخدوم صاحب جن به سنڌس علم، عالمن جي صحبت، شاعري، نهٺائي ۽ غريبن سان ياريءَ ڪري به ڏاڍو ڀائيندا هئا.

ڪيترا ڀيرا حيدرآباد جي ڪچهرين ۾ محترم عبدلقادر جوٽيجو به اسان سان گڏ رهيو عبدالقادر جوٽيجي سان گهڻي خوش طبعي ڪندا هئا ۽ آءُ ڏسندو هوس ته محترم عبدالقادر جوٽيجو به پلي صاحب جي ڪچهريءَ ۾ ڏاڍو محضوظ ٿيندو هو. پلي ڏينهن گذري وڃن.

محترم راڄ محمد پلي مرحوم کي پيرن ۾ ڪا تڪليف ٿي پئي جنهن کي ڪٽائي پاڻ حيدرآباد آيو ۽ گلستان سجاد واري گهر ۾ رهڻ لڳا. علاج ته هليو پئي پر راڄ محمد چوي ته آءُ ڳوٺ وڃان. ڊاڪٽر نه ڇڏن. ڀاءُ عبدالڪريم چوي ته علاج مڪمل ڪري پوءِ وڃون. نيٺ مونکي ڀاءُ ڪريم چيو ته اوهان سمجهايوس سنڌس ڇوڙ تي مون ڪيس سمجهايو ۽ پوءِ علاج هلندو رهيو.

هڪ دفعي حيدرآباد ۾ ٻه ڏينهن رهڻ ڪانپوءِ ڀاءُ ڪريم چيو ته: دل ڏاڍي اداس آهي صديقي صاحب هلو ته ڪراچيءَ جو چڪر ڏئي اچون.

ڪراچيءَ ويا سين سڌو ڪلفٽن تي وٺي هليو ۽ سمنڊ جي آلي واري تي پير اگهاڙا ڪري گهمندو رهيو. ايستائين جيستائين سج ۽ سمنڊ پاڻ ۾ ملي ويا. مختلف موضوع نڪتا، آيا ويا. جڏهن واپس حيدرآباد پئي آياسين ته رستي ۾ چيائين ته هن هوٽل تي چٽن جي دال ۽ گرم نان ڏاڍا سٺا ملندا آهن. ڪائيندا هلون. ڪار ۾ ويٺا رهياسين. نان ۽ دال گهرائي گاڏي ۾ ئي کاڌاسين ۽ گلاسن ۾ پاڻي گهرائي هٿ ڌوتاسين. ان ڪانپوءِ جڏهن سپر هاءِ وي تي چڙهي هلياسين ته چيائين "صديقي صاحب اوهان سمنڊ ۾ سج کي لهندي ڏٺو اهو نظارو ڏسڻ وري نصيب ٿئي الائي نه" ان ڪانپوءِ جڏهن رات جو ڏهين بجي حيدرآباد پهتاسين ته مونکي گهر نه ڇڏيائين ۽ چيائين ته اڄ اتي ترسي پئو، منهنجي دل ڪجهه اداس آهي، ڪي ٻه چار ڳالهيون ڪري اڪيلائي دور ڪنداسين"

ڪريم پليءَ سان اها هن دنيا جي آخري ملاقات هئي. ان ڪانپوءِ ٿئين يا چوٿين ڏينهن تي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو. سنڌس ئي هڪ شعر آهي ته:

ايئن پڌرو پرين هو هزارن ۾،
جيئن چنڊ هجي ڪو تارن ۾.

## رپورٽ ڪارنر

# ايل آر پي (34) منصوبو

رپورٽ پرديپ ڪمار

سامي فائونڊيشن گذريل گهڻي عرصي کان پوئتي پيل ماڻهن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪري رهي آهي جنهن ۾ صحت جي سهولتڪاري کان تعليم جي بهتري ۽ عام ماڻهن جي حقن جي حاصلات لاءِ جاڻ جي رسائي شامل آهن. ان حوالي سان سامي فائونڊيشن پاران ايڪشن ايڊ جي سهڪار سان 2008 ع کان وٺي تر جي عمرڪوٽ ضلعي جي تررواري علائقي يوسي ڪپلور ۽ يوسي فقير عبدالله ۾ لوڪل رائٽس پروگرام جي حوالي سان منصوبو پڻ هلي رهيو آهي جنهن جون گذريل ٽماهي سرگرميون هيٺ ڏجن ٿيون.

### تعليمي سرگرميون

- ايل آر پي جي ڳوٺن جي سي بي او ۽ نوجوانن جي گروپ سان گڏ جاٽيون ڪري ڪين ڳوٺ جي تعليمي صورتحال بهتر بنائڻ لاءِ همٿائڻ
- ايل آر پي جي ڳوٺن نئين سال لاءِ ٻارن جي داخلا مهم هلائڻ
- ايل آر پي جي ڳوٺن سان لاڳاپيل اسڪولن جي ايس ايم سي ميمبرن تر ڊولپمينٽ جي ميمبرن ۽ نوجوانن جي گروپ سان ٽماهي گڏجاڻي.

### ٽارگيٽ موبلائيزيشن

- عورتن جون سرگرميون
- عورتن جي اڪنامڪ گروپ ۾ جاڳرتا پيدا ڪري سندن صلاحيتن ۾ اضافو ڪرڻ
- عورتن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي جي تشڪيل ڏيڻ لاءِ ايل آر پي جي ٻن گروپن ۾ عورتن جي چونڊ ڪرڻ

### وومين رائٽ ايڪشن فورم سان ٽماهي گڏجاڻي

- ايڪشن ايڊ سپورٽ سان عمرڪوٽ ضلعي ۾ ايمبولينس سروس شروع ڪرڻ جي حوالي سان سول سوسائٽي ۽ وومين ايڪشن فورم جي ميمبرن سان ميٽنگ ڪرڻ

### اسپانسرشپ جو سرگرميون

- ٻارن جا ميسج ڪليڪشن
- ميسيجن جو انگريزي ۾ ترجمون ڪرڻ
- ميسج اسلام آباد آفيس موڪلڻ

**ايل آر پي جي ڳوٺن جي سي بي او ۽ نوجوانن جي گروپ سان ميٽنگ ڪري ڪين ڳوٺ جي تعليمي صورتحال بهتر بنائڻ لاءِ همٿائڻ .**

ڪوارٽر جي شروعات باقائده جولاءِ جي مهيني کان ٿي ، سپ کان پهرين ورڪ پلان جوڙيو ويو جنهن مطابق سرگرميون تشڪيل ڏنيو ويون ان حوالي سان تعليم جي سلسلي ۾ ايل آر پي ڳوٺن ۾ نوجوانن ۽ سي بي او جي ميمبرن سان گڏجاڻيون ڪيون ويون ان موقعي تي ايل ار پي سان لاڳاپيل سمورن ڳوٺن جي ميمبرن سان ڳوٺ جي تعليمي صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي وئي خاص طور تي ٻارن جي والدين کي تعليم جي افاديت بابت آگاهي ڏني وئي ۽ اسڪولن ۾ ٻارن جي وڌ کان وڌ داخلا بابت همٿايو ويو.

**ايل آر پي جي ڳوٺن سان لاڳاپيل اسڪولن جي ايس ايم سي ميمبرن تر ڊولپمينٽ جي ميمبرن ۽ نوجوانن جي گروپ سان ٿماهي گڏجاڻي.**

هن ڪوارٽر ۾ سامي فائونديشن پاران تر ڊولپمينٽ الائينس ، ايس ايم سي جي ميمبرن ۽ نوجوانن گروپ جي ميمبرن سان گڏ ميٽنگ ڪئي وئي جنهن ۾ تر ۾ ڏڪار واري صورتحال تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ان موقعي تي تعليم کاتي پاران سپروائيزر سائين محمد بخش ڪوسو شرڪت ڪئي ۽ ڳوٺن ۾ تعليمي صورتحال وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ ايس ايم سي ميمبر کي پڻ هدايت ڪئي وئي ان سلسلي ۾ ايس ايم سي ميمبرن ۽ نوجوان گروپ جي ميمبرن کي ڳوٺ ۾ انرولمينٽ مهم هلائڻ لاءِ پڻ پابند ڪيو ويو ۽ ڪين گذارش ڪئي وئي تہ هو سامي فائونديشن جي ٽيم سان مڪمل سهڪار ڪندا تہ جئين هي مهم ڀرپور نموني سان ڪامياب ٿي سگهي.

**وومين اڪنامڪ گروپ ۾ جاڳرتا پيدا ڪري سندن صلاحيت ۾ اضافو پيدا ڪرڻ**

هن ڪوارٽر جي هر مهيني دوران عورتن جي اڪنامڪ گروپ سان ڳوٺ سطح تي گڏجاڻيون ڪيون ويون ان موقعي تي ڳوٺن ۾ رفليڪيشن ايڪشن سرڪل جا باقائده وزٽ ڪيا ويا جن ۾ عورتن جي سراسري حاضري کي بهتر بنائڻ لاءِ سندن شعور ۾ واڌارو آڻڻ لاءِ سهولتڪاري ڪئي وئي ۽ ان موقعي تي عورتن جي معاشي صورتحال کي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ سامي فائونديشن پاران ڪين ڏنل دڪانن ۽ ٻڪرين جي نگراني پڻ ڪي وئي.

هن ڪوارٽر ۾ پڻ وومين رائٽس ايڪشن فورم سان ٽماهي گڏجاڻي ڪئي وئي جنهن ۾ عورتن جي مسئلن تي پڻ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.

ايڪشن ايڊ جي سپورٽ سان عمرڪوٽ ضلعي ۾ ايمبولينس سروس شروع ڪرڻ جي حوالي سان سول سوسائٽي ۽ وومين ايڪشن فورم جي ميمبرن سان گڏجاڻي ڪئي وئي.

***********

********

# ٻه روزه آرگنائيزيشنل مينجمنٽ ۽ نيٽ ورڪنگ ٽريننگ رپورٽ

تاريخ: 29 ۽ 30 آگسٽ 2015ع　　هنڌ: ٽريننگ هال پي وي ڊي پي هال اسلام ڪوٽ

ٽرينر : نورمحمد بجير　　شرڪت: 31۔ ميمبرس.

29 آگسٽ 2015ع صبح جو 9.30 وڳي ڪول ايريا جي ڇهن ڳوٺن مان 31 ممبر ٽريننگ هال ۾ موجود هئا. جن کي ٻن ڏينهن جي ٽريننگ جا اصول ۽ ضابطا طئہ ڪرائڻ سان گڏ هن ٽريننگ مان اميدون ۽ خد شا بہ لکائي شيٽن تي ڊسپلي ڪيو ويو. انکانپوءِ ٺيڪ 10 وڳي نورمحمد بجير پنهنجو سيشن شروع ڪيو.جنهن دوران هيٺ ڄاڻايل ڳالهه ۔ ٻولهه ڪئي وئي ۽ گروپ ورڪ بہ ٿيو.

**1. تنظيم لاءِ ضروري طرح گهربل عنصر:**



ممبرس.

عهديدار.

فيس.

رڪارڊ.

گڏجاڻيون.

فيصلا.

فيصلن تي عملدرآمد.

تنظيم جي گهربل لوازمات تي ڳالهائيندي ٽرينر چيو تہ ڳوٺ جي هڪڙي ڳالهہ تي متفق ٿيڻ يا پنجويهن ممبرن جي گروپ کي تنظيمي شڪل ڏئي سگهجي ٿي جن مان چونڊ جندڙ عهديدارن مان صدر جو اهو ڪردار هوندو جيڪو انساني جسم ۾ دل جو ڪردار هوندو آهي. ۽ خزانچي جو اهو ڪردار هوندو جيڪو انساني جسم ۾ آنڊي جو ڪردار هوندو آهي. معني تہ تنظيم انساني ڍانچي وانگر هوندي آهي جنهنکي هلائڻ لاءِ ممبر ٻين ننڍن وڏن عضون وارو ڪردار ادا ڪندا آهن ۽ عهديدار مکيہ عضون وارو ڪردار ادا ڪندا آهن. اهڙي ريت فيس مان جمع ٿيندڙ رقم تنظيمي معاملات هلائڻ ۾ مددگار ٿيندي جڏهن تہ رڪارڊ تنظيم جي وجود کي لکت ۾ گواهي ڏيندو. تنظيم لاءِ گڏجاڻيون ڪرڻ انڪري ضروري آهن جو انهن ذريعي ممبرن کي گڏ سوچ ۔ ويچار ۽ فيصلا ڪرڻ جو موقعو ملندو. انهن گڏجاڻين ۾ ٿيل گڏيل فيصلن تي عمل ڪرڻ سان تنظيم پنهنجا حدف حاصل ڪري سگهندي.

**2. تنظيم لاءِ نقصانڪار شيون.**

مفاد پرستي.

ڪاوڙ.

خود غرضي.

لالچ.

نفرت.

هن موضوع تي ڳالهائيندي ٽرينر چيو تہ مٿي ڄاڻايل پنجن شين مان ڪابہ هڪڙي يا ٻہ شيون تنظيم کي وڏو نقصان ڏئي سگهن ٿيون. تنهنڪري تنظيم کي وڌيڪ فعال ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ مٿي ڄاڻايل شين کان پري هجي.

**3. تنظيم کي مضبوط بڻائيندڙ شيون.**

اصول.

انصاف.

ضابطا.

قانون.

ٽرينر ٻڌايو تہ مٿي ڄاڻايل چار شيون تنظيم کي بهتر بڻائڻ لاءِ نهايت ئي ضروري آهن. ٽرينگ جي پهرين ڏينهن اهي مکيہ ڳالهيون سمجهائڻ ۾ گڏيل بحث ۔ مباحثو ڪرائڻ ڪانپوءِ مجهند 1.30 وڳي کان 2.30 وڳي تائين ماني جو وقفو ڪيو ويو. جنهنڪانپوءِ شريڪ ممبرن کي ٽن گروپن ۾ ورهائي کين گروپ ورڪ ڏنو ويو. 20 منٽن جي گروپ ورڪ ڪانپوءِ سيني گروپن ٽوري گهٽي فرق سان سماج جي جوڙجڪ هيٺئين ريت پرزنٽ ڪئي.

فرد.

ڪٽنب.

ذات ۔ قبيلو.

قوم.

علائقو ۔ وطن.

هن گروپ ورڪ جي ذريعي اها ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ سماج جي اڏاوت ڪهڙي طريقي سان ٿيندي آهي. ان ڪانپوءِ ٽرينر سماجي مسئلن جي نشاندهي جا طريقا سمجهائيندي چيو تہ اگر مسئلو تعليم جو آهي. صحت جو آهي يا وسيلن جي ڦرلٽ جو آهي تہ انکي هڪڙو فرد هڪڙو خاندان يا هڪڙو قبيلو انکري حل نٿو ڪري سگهي جو اهو مسئلو سڄي سماج جو هوندو آهي. تنهنڪري منتشر ماڻهو اهو مسئلو حل ڪرائي نہ سگهندا بلڪ ان گڏيل مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ ضروري آهي تہ سماج مسئلي جي سطح تي منظم ٿي ڪوشش ڪن ۽ هڪڙي منظم ڪوشش ڪنهن تنظيم ڪانسواءِ ممڪن ڪونهي.

## ٻيو ڏينهن: 30 آگسٽ 2015ع

هن ڏينهن جي شروعات گذريل ڏينهن جي سکيا جي دهراءَ سان ٿي جيڪا ڳوٺ ٺهاريو هاليپوٽو جي محمد حسن هاليپوٽو ڪئي.ان ڪانپوءِ ٽرينر نورمحمد بجير هئي ڏينهن جي سکيا جو آغاز ڪندي چيو تہ هڪجهڙو مسئلو اگر ڇهن ڳوٺن ۾ موجود آهي تہ انکي هڪڙي ڳوٺ جي تنظيم حل ڪرائي نہ سگهندي بلڪ ان لاءِ ڇهن ئي ڳوٺن جو نيٽ ورڪ ضروري هوندو آهي.

**1. نيٽ ورڪ لاءِ ضروي شيون.**

هر ڳوٺ جي تنظيم مان ٽي ممبر پنهنجي ڳوٺ جي تنظيم جي نمائيندگي ڪن.

ڪنهن بہ گڏيل سرگرمي لاءِ پنهنجي حصي جو فنڊ ڏين.

نيٽ ورڪ جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪن.

گڏيل فيصلن تي عمل لاءِ ذميوار هجن.

انڪانپوءِ نيٽ ورڪ کي مسئلا سمجهڻ لاءِ ڪهڙو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي ؟ واري سوال تي گروپ ورڪ ڪرايو ويو. جنهن تي پرزنٽيشن ڏيندي سيئي گروپ ان ڳالهہ تي متفق هئا تہ .



- ✓ نيٽ ورڪ کي مسئلو سمجهڻ لاءِ گڏجي ويهڻ گهرجي.
- ✓ هڪٻئي کي ٻڌڻ گهرجي.
- ✓ شين جي تہ تائين وڃڻ لاءِ بحث ۔ مباحثو ڪرڻ گهرجي.
- ✓ ڪنهن فيصلي تي متفق ٿيڻ گهرجي.
- ✓ مسئلي جي حل لاءِ رٿابندي ڪرڻ گهرجي.

هن گروپ ورڪ ڪانپوءِ ماني جو وقفو ڪيو ويو جنهنڪانپوءِ تفصيلي بحث مباحثي جي نتيجي ۾ هيٺيون ايڪشن پلان ترتيب ڏنو ويو.

- ✓ هر تنظيم پنهنجون ماهوار گڏجاڻيون ڪندي ۽ فيس جمع ڪندي .
- ✓ هر تنظيم عورتن جي نمائيدگي کي يقيني بڻائيندي.
- ✓ هر تنظيم گڏيل فيصلي تحت پنهنجا ٽي ۔ ٽي ممبر نيٽ ورڪ لاءِ چونڊيندي.
- ✓ 2015ع جي آخر تائين باقاعده نيٽ ورڪ جو قيام عمل ۾ ايندو.

ان ايڪشن پلان ٺهڻ ڪانپوءِ 30 آگسٽ 2015ع جي شام جو 4 وڳي ٻن ڏينهن جي هي ٽرنينگ پڄاڻي تي پهتي.

# ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڏڪار متاثر گهرن لاءِ مال جي چاري جي فراهمي

سھڙيندڙ: محمد صديق دل

ٿرپارڪر سنڌ صوبي جو سڀ کان پوئتي پيل وارياسو علائقو آهي، جتان جي مخلوق جو گذرسفر صرف برساتن تي آهي ۽ اگر هر سال وقتائتيون برساتون نه پون ته ٿري ماڻهو عذابن جو شڪار ٿي ويندا آهن ۽ اهائي روش ٿرين سان گذريل ٽن سالن کان لاڳو آهي. ٿر ۾ مسلسل ٽن سالن کان وقتائتيون برساتون نه پوڻ ڪري ٿري بي يارو مددگار ٻٽيل آهن، هڪ ته انهن جي گذر سفر جو 95% چوپايو مال آهي ۽ اهو چوپايو مال به تڏهن ئي جتاءُ ڪري سگهي ٿو جڏهن ٿر ۾ برسات وسندي آهي، ضلع حڪومت ٿرپارڪر جي 2014ع جي انگن اکرن موجب ٿرپارڪر ۾ هڪ اندازي مطابق ڪُل 6.5 ملين چوپايو مال موجود آهي، پر هن وقت ڏڪارن جي ڪري تمام وڏي تعداد ۾ مال مري ويو آهي، جنهن جو ڪوبه حتمي انگ اکر نه آهي. ان سموري منظرنامي کي مدنظر رکندي سامي فائونڊيشن ٿرپارڪر ضلعي جي يونين ڪائونسل پڪوئو جي 25 ڳوٺن ۾ يوايس ايڊ ۽ ڪنسرن ورلڊوائيڊ _ ريپڊ فنڊ جي سهڪار سان "**ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڏڪار متاثر گهرن لاءِ مال جي چاري جي فراهمي**" نالي هڪ پروجيڪٽ عمل ۾ آندو، جنهن جو بنيادي مقصد مال جي چاري جي فراهمي ذريعي ڏڪار متاثر گهرن جي اهنجن کي گهٽائڻ ۽ چوپائي مال جي وقتائتي مدد ڪرڻ هو. هي پروجيڪٽ پهرين جولاءِ 2015ع تي شروع ڪيو ويو ۽ 15 سيپٽمبر 2015ع تي ختم ڪيو ويو ۽ هن پروجيڪٽ تحت هيٺيون اهم سرگرميون عمل ۾ آنديون ويون.

- **مال جي چاري جي ورهاست (Distribution of Livestock Fodder)**

هن پروجيڪٽ تحت يونين ڪائونسل پڪوئو جي 25 ڳوٺن مان 2723 گهرن ۾ مال جو چارو (ڪڻڪ ۽ بوسو) ورهايو ويو، اهو چارو هڪ کان 15 تائين ننڍو مال رکندڙ پاڇين ۾ ورهايو ويو ۽ جن وٽ 15 کان مٿي جانور هئا تن کي به 15 جانورن جو چارو ڏنو ويو. اهو چارو صرف ننڍن جانورن (رڍن ۽ ٻڪرين) لاءِ ورهايو ويو، ڇاڪاڻ ته ڏڪار دوران ٿر جو اڪثر وڏو چوپايو مال (مينهن ۽ ڍڳي) ماڻهو ڪاهي بئراجي علائقن ڏانهن وڃن ٿا، جڏهن ته رڍون ۽ ٻڪريون ڪيڏانهن به نه ڪاهي ويندا آهن ۽ انهن کي بس شهرن مان چارو وٺي کارائيندا آهن يا ته ٿر جي قيمتي وڻ ڪنڊيءَ جا پن لاهي چاريندا آهن. پر مسلسل ٽن ڏڪارن جي ڪري ماڻهن جي سڀ وسيلا محدود رهجي ويا ۽ قيمتي وڻن جا پن به ختم ٿي چڪا هئا. سامي فائونڊيشن 20314 رڍن ۽ ٻڪرين لاءِ هڪ مهيني جو چارو (في جانور لاءِ 15 ڪلو ڪڻڪ ۽ 15 ڪلو بوسو) ڳوٺن ۾ وڃي ورهايو جنهن جو تفصيل هن ريت آهي.

| يونين ڪائونسل | ڪُل ڳوٺ | ڪُل گهر | ڪُل ٻڪريون | ڪُل رڍون | ٽوٽل جانور | ڪُل ڪڻڪ جا ڪٽا (15 ڪلو وزن في ڪٽو) | ڪُل بوسي جا ڪٽا (15 ڪلو وزن في ڪٽو) | ٽوٽل ڪٽا (15 ڪلو وزن في ڪٽو) |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 01 | 25 | 2723 | 16376 | 3938 | 20314 | 20314 | 20314 | 40628 |

- **چوپايي مال جي پالنا بابت سکيا/انتظام ڪاري (Livestock Management Training)**

جيتوڻيڪ ٿرپارڪر جي معيشيت جو تمام گھڻو حصو چوپايو مال آهي، پر مسلسل ڏڪارن جي ڪري مال ۾ انيڪ بيماريون جنم وٺنديون رهيون آهن، جنهن جي ڪري تمام گھڻي تعداد ۾ مال مري چڪو آهي، خاص ڪري سال 2014ع ۾ ڏڻ ۾ ماتا جي بيماريءَ جي ڪري پاڳين جا ته وٿاڻ خالي ٿي ويا پر ويچارن پاڳين وري به صديون پراڻا ڏس (علاج) ڪيا. چوته پاڳين ۾ اجان تائين ايترو شعور ناهي جو اڳواٽ بيمارين کان بچاءَ لاءِ ٽڪا هڻائين. ان پسمنظر کي ذهن ۾ رکندي سامي فائونڊيشن پاران هن پروجيڪٽ ۾ چوپايي مال جي پالنا بابت سکيا/انتظام ڪاري جا 50 سيشن به ڪرايا ويا. جن ۾ پاڳين ۽ مال جي ڌنارن جي شرڪت کي يقيني بڻايو ويو ۽ انهن کي هيٺين ڄاڻ فراهم ڪئي وئي.

- ✓ مال جي جديد ۽ سٺن نسلن جو تعارف
- ✓ مال ۾ وچڙندڙ بيمارين ۽ ان کان بچاءَ جون احتياطي تدبيرون
- ✓ مال ۾ بيمارين کان اڳواٽ بچاءَ جا ٽڪا ۽ دوا پيارڻ جا طريقا
- ✓ مال کي چاري کارائڻ جو مقدار ۽ طريقو

هن ٽريننگ ۾ پروجيڪٽ ايريا جي 25هين ئي ڳوٺن مان ڌنارن ۽ پاڳين جي شرڪت کي يقيني بنايو ويو جنهن جو تفصيل هن ريت آهي.

| يونين ڪائونسل | ڪُل ڳوٺ | ٽوٽل سيشن | ڪُل مردن شرڪت ڪئي | ڪُل عورتن شرڪت ڪئي | ٽوٽل مردن ۽ عورتن شرڪت ڪئي |
|---|---|---|---|---|---|
| 01 | 25 | 50 | 1206 | 211 | 1417 |

انڪانسواءِ هن پروجيڪٽ ۾ شروعاتي ڏينهن سموري اسٽاف کي بنيادي سکيا به ڏني وئي. ڳوٺن ۾ ڪم کي بهتر ڪرڻ ۽ ڳوٺاڻن کي مالڪي جو احساس ڏيارڻ لاءِ هر ڳوٺ ۾ ڳوٺاڻو مددگار گروپ پڻ جوڙيو ويو. جنهن هن سموري ڪم جي مالڪي ڪئي. ڪنسرن ورلڊ وائيڊ_ريپڊ فنڊ طرفان به سموري ڪم جي چڪاس ڪئي وئي، ضلع انتظاميه سان به هر حوالي سان تمام گھڻي ويجهڙائپ رهي، جنهن ڪري هي پروجيڪٽ پنهنجي مقرر ٽائيم تي سمورا حدف حاصل ڪري پورو ٿيو ۽ ڏڪار متاثر گھرن کي وقتائتو مال جو چارو مليو جنهن سان انهن جي مالي بچت ٿي ۽ مال کي به ڀرپور غذا ملي، جنهن سان بقول پاڳين جي ته مال متارو به ٿيو آهي ۽ مال ۾ کير به وڌيو آهي.

***********
********
******

# پاڻي جي دٻ ۾ ورتل پاڻ ماڻهو

..........ميرحسن آريسر

2010ع واري دريائي ۽ 2011ع واري برساتي ٻوڏ مان تڙڳي نڪتل پاڻ ماڻهو گذريل ٻن سالن جي لڳاتار سوڪهڙي جي عذاب ڀوڳڻ ڪانپوءِ هيل وري دريائي ٻوڏ واري خوف ۾ ورتل آهيون.

اڄڪلهه روزاني اخبار پڙهڻ جي عادي ماڻهن جي پهرين نظر لنڊن واري پائيجان جي پڙڪا ڏيندڙ بيانن ۽ انجي رد عمل ۾ ڇڇندڙ سرڪاري پڏراين بدران انهن سرخين ڏانهن ڇڪجي ٿي وڃي جن ۾ ڄاڻايل هوندو آهي ته سکر بيراج وٽ وڏي ٻوڏ. شڪارپور کي خطرو فلاڻي روڊ کي ڪٽ سيئي واهه ڪوليا ويا فلاڻو بند لڙهي ويو. هيترا ڳوٺ پاڻي هيٺ گڊو بيراج جي، رائيٽ مارجن بچاء بند سان ٽڪرائجي ويو ڪي ڪي بند کي روٽيون، توڙي بند ڪمزور هجڻ جي ڪري ڳڙهي خيرو واسين جو ساهه مٺ ۾ فلاڻا فلاڻا صاحب مختلف بندن تي پهتل. ۽ وزيراعظم مهرباني ڪري سنڌ جي ٻوڏ وارن علائقن جو دورو ڪيو.

منعي ته آبڪلاڻي جي مند ۾ درياء جو چڙهڻ اهڙي خوفناڪ افراتفري جو باعث بڻجي پيو آهي جو هڪڙا ماڻهو ان ٻوڏ جو شڪار بڻجي ساهه بچائڻ ۾ پورا آهن ته ٻين جو دٻ ۾ ساهه ٿو وڃي.

سنڌوءَ جهڙي دادلي درياءَ جي تاريخ ۾ هيلوڪي ٻوڏ ڇاڪاڻ ته پهرين ۽ آخري ٻوڏ ڪونهي، تنهن ڪري ٻه آدم جي ٻچڙن کي سمجهڻ گهرجي ته جتي درياءَ هوندا اتي ٻوڏن جو اچڻ هڪ فطري عمل آهي، پر اهڙي فطري عمل کي نظرانداز ڪندي انسان جيڪڏهن پنهنجن اختيارن جون حدون اورانگهي احمقپڻا ڪندو ته پوءِ سندس تدبيرن جو هر ڪچو گهڙو ڪين وچ سير ۾ ٻوڙي ڇڏيندو سئو سال اڳ درياءَ جي جنهن دهشت کي لطيف سائين پنهنجي لازوال شاعريءَ ۾ رپورٽ ڪيو. اسان ايئن سمجهيو ته اها لطيفي لات ڪا ڪالهوڪي ڪٿا آهي.

اسان جڏهن درياءَ جو پيٽ اگهاڙو ڪري ان کي ڪيڙڻ ۽ ڪائڻ سان گڏ ان جا بند ڪوٽڻ شروع ڪيا، ڪچي تي قبضا ڪري پنهنجيون ڪيٽيون قائم ڪيون، ٻيلن کي چلهن جو ٻارڻ بڻائي سج ڪئي سون ۽ درياءَ جي وڪرن کي واريءَ جي دڙن ۾ تبديل ڪري اتي وڏي اطمينان سان روڊ ۽ رستا ناهي پاڻ کي فطرت جو وڏو فاتح سمجهيو سون، تڏهن ڪنهن کي ٻه اهو احساس نه پئي ٿيو ته 1912ع ۾ ٻن آمريڪي محققن هائوسڪي ۽ جيشڪي هماليا جي پهرين جيالا جيڪل سروي ۾ ڄاڻايو هو ته، هماليائي پهاڙي سلسلي ۾ جملہ 5220 وڏا گليشيئر آهن، جن مان گنگا ۽ برهمترا ٻنهين جا گليشيئر ڏار ڪرڻ ڪانپوءِ رڳو سنڌو طاس ۾ 3538 گليشيئر اچن ٿا. سنڌو طاس جا اهي گليشيئر 38039 ڪلوميٽرن جي وسيع العريض ايراضي تي پکڙيل آهن. هنن وڌيڪ ڄاڻايو ته ڏهه هزار سال اڳ اهي گليشيئر هاڻوڪي حساب سان ٽيڻا وڌيڪ هئا پر هن وقت ٻه انهن جو مقدار ڪافي گهڻو آهي، انهن آمريڪي محققن کان علاوه جيالاجيءَ جي ٻين ڪيترن ئي ماهرن جو خيال آهي ته اٽڪل پنج لک سال اڳ ڌرتيءَ جي زبردست ڀڪوڙ سبب ايوريسٽ ۽ ڪيٽو جي چوٽين مان ڪيلاش پربت اڀري، جنهن مان ٻه وڏا وهڪرا ڦٽي نڪتا، جن مان پهرين گنگا ۽ برهمترا وارو وهڪرو ڏکڻ اوڀر طرف وهي نڪتو جڏهن ته سنڌو ۽ ستلج وارو ٻيو وڏو وهڪرو سڌو اتر طرف روانو ٿيو. جيڪو آڪسفورڊ ڊائٽلس جي معتبر ڄاڻ مطابق مانسرور ڍنڍ کان پنجاهه ڪلوميٽر پريان شروع ٿي هڪ هزار ميل مفاصلو طئي ڪري ڪاري ڇاڻ وٽ سمنڊ ۾ ڇوڙ ٿو ڪري. عام طور تي جيتوڻيڪ اهو خيال پختو ٿي ويو آهي ته سنڌو درياءَ مانسرور ڍنڍ مان وهي ٿو نڪري، پر سر اولف ڪيروءَ جي لکڻين ۾ ڄاڻايل سنڌوءَ جي وهڪرن جي مڪمل معلومات مطابق نيپال جي اترئين ڪنڊ تي واقع ڪيلاش پربت جي ٻاويهه هزار اناويهه فوٽ واري بلندي جي اڌ اوچائي تي راڪاس تال ۽ مانسرور ڍنڍون موجود آهن، جن متعلق تبت جا مذهبي ماڻهو مختلف عقيدا ٻه رکن ٿا، پر سنڌو درياءَ جو وهڪرو انهن ڍنڍن کان پنجاهه ڪلوميٽر پريان شروع ٿو ٿئي. جيڪو مختلف هنڌن تي مختلف نديون ۽ نالا پاڻ ۾ سمائيندو ڪالاباغ جي مقام وٽ جبلن جي جڪڙ مان پاڻ کي آجو ڪري ميداني علائقي ۾ وهڻ شروع ٿو ڪري. اهو شاهه درياءَ

صدين کان جيئن سنڌ کي سيراب ڪندو رهيو آهي ۽ ٻين ملڪن جي زرخيز مٽي سنڌ جي خمير ۾ ڳوهي جيڪي سر سبزيون ۽ شادابيون پيدا ڪندو رهيون آهي، ان جي هڪڙي الڳ ۽ تفصيلي ڪٿا آهي. جنهن جي دائري ۾ درياءَ جي اها چاڙ ٻه اچي ٿي جيڪا سنڌو درياءَ مان ڦاٽ ڪائيندي هئي. ننگرپارڪر سميت پاري نگر، پوڙيسر ۽ ٻيا شهر درياءَ جي هن وهڪري جي ڪيٽي تي اڏيل هئا. مهراڻ درياءَ ٻه سنڌو درياءَ جو هڪ اهم وهڪرو هو. جيڪو سکر وٽان سنڌو درياءَ مان ڦاٽ ڪائي خيرپور جي چونڊڪي واري علائقي مان وهندو ڪپري واري واٽ وٺي تعلقي عمرڪوٽ جي شهر چوڙ وٽ ان هاڪڙي درياءَ ۾ اچي ڇوڙ ڪندو هو. جيڪو سنڌو درياءَ جو اهڙو مشهور وهڪرو هو جنهن جي سڪڻ تي ماموئي فقيرن کان رڙنڪري وئي هئي ته:

هاڪ وهندو هاڪڙو ڀڄندي ٻنڌ اروڙ،
ٻه، مڇي ۽ لوڙ سمي ويندا سوڪڙي!

فطري وهڪري سان ان ڪري ٻه ڪا هٿ چراند ٿيل نه هئي، جو انگريز فطرت جي رد عمل کان پوري ريت واقف هئا. ڪين خبر هئي ته دنيا جي پهرين وڏي ۽ منظم سلطنت داراءِ اعظم اها سلطنت هئي. جنهن جي مصر کان هندستان تائين ڦهليل سرحدن کي فتح ڪرڻ لاءِ سڪندراعظم ٻين وڏن دريائن سان گڏ سنڌو درياءَ جي اڀياس کي ضروري سمجهندي يوناني مهم جو اسڪاءِ ليڪس کي روزانو ڪيو. جنهن ٻيڙين ذريعي سجي درياءَ جو اڀياس ڪرڻ ڪانپوءِ 327 قبل مسيح ۾ تيار ڪيل پنهنجي رپورٽ اندر اها ڳالهه زوردار طريقي سان تحرير ڪئي ته سنڌو درياءَ دنيا جي انهن دريائن مان هڪ آهي جنهن جي هر ادا سان اهي ماڻهو محبت ٿا ڪن. جيڪي ان جي ڪنارن تي آباد آهن. اها ڳالهه سڪندر کي عملي طرح تڏهن معلوم ٿي. جڏهن ٽيڪسيلا جي حاڪم هن کي چيو ته جيڪڏهن تون منهنجو درياءَ پار سان ڪٽي ويڃڻ نٿو چاهين ته پوءِ جنگ ڪرڻ جو ڪو ٻه جواز ڪونهي ۽ آئون توسان جنگ نٿو ڪريان.

انگريزن جي غلامي کي غنيمت نه سمجهندڙ ماڻهو ٻه اها ڳالهه سمجهڻ ٿا ته، اهي اهڙا پڙهيل ۽ ڄاڻو ماڻهو هئا، جن کي قومن ته ڇا بلڪ دريائن جا مزاج ٻه سمجهه ۾ ايندا هئا. انگريزن جو اهو آبپاشي نظام ان دعويٰ جو سڀ کان وڏو دليل آهي. جنهن مطابق هڪ سئو ايڪڙ زرعي زمين مان فقط ٽيون حصو پوکڻ جي قانوني اجازت هئي، جڏهن ته باقي بچيل ٻن حصن مان هڪ حصو مال جي چراگاهه ۽ هڪ حصو وڻن جي هڙي لاءِ شختص هو. اهڙي فطرت دوست نظام سان پهرين هٿ چراند انگريز سرڪار کي اسان جي هاٺوڪي وڏي پاءِ پاران ڏنل اها درخواست هئي جنهن ۾ ڪالاباغ وٽان سنڌو مان پاڻي کڻڻ جي اجازت طلب ڪئي وئي هئي. ان ڪانپوءِ لڳاتار 1845ع تائين درخواستن جي اها وارو وار جاري رهي، پر ڳالهه وارو ويچي. 1955ع ۾ تڏهن ڪاڏو جڏهن واٽر ڪميشن ۾ وڏو پاءُ ست ئي ميمبر پاڻ مان ڪٽي هڪڙي ڏڪ سان تي درياءَ هندستان کي وڪٽي مڇ کي تاءُ ڏيئي ويهي رهيو ۽ جيڪا معقول جستيفڪيشن پيش ڪيائين اها پڙهي حيران ٿيڻ لاءِ پاڻ کي ايوب خان جو ڪتاب آقا نهين دوست پڙهڻو پوندو پر جيڪڏهن اهو ڪتاب پڙهڻ ڪانسواءِ پاڻ رڳو حڪمرانن پاران درياءَ شاهه سان مشڪرين جهڙي ڪيل هٿ چراندن جو حال معلوم ڪنداسين تڏهن ٻه هيلوڪي ٻوڏ جو پورو پسمنظر سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي.

سنڌو درياءَ جي فطري وهڪرن جو اهو وڏو نيٽ ورڪ واري جي ڏڙن ۾ ڪنهن ۽ ڪيئن تبديل ڪيو؟ انساني حماقتن جو آغاز ان سوال کان ٿو ٿئي ۽ ان جو انجام اڄان هاڻ ٽيڙو آهي. نهري نظام تحت آبپاشي ڪرڻ لاءِ انگريز سرڪار پنهنجي اوائلي دور ۾ واهن ۽ شاخن جي وهڪرن کي جنهن ترتيب ۾ آندو، ان ترتيب ۾ دريائي پاڻي جي

انگريزن جي غلامي کي غنيمت نه سمجهندڙ ماڻهو ٻه اها ڳالهه سمجهڻ ٿا ته، اهي اهڙا پڙهيل ۽ ڄاڻو ماڻهو هئا، جن کي قومن ته ڇا بلڪ دريائن جا مزاج ٻه سمجهه ۾ ايندا هئا. انگريزن جو اهو آبپاشي نظام ان دعويٰ جو سڀ کان وڏو دليل آهي. جنهن مطابق هڪ سئو ايڪڙ زرعي زمين مان فقط ٽيون حصو پوکڻ جي قانوني اجازت هئي، جڏهن ته باقي

بچيل پڻ حصن مان هڪ حصو مال جي چراگاهه ۽ هڪ حصو وٽن جي هڙپي لاءِ شختص هو. اهڙي فطرت دوست نظام سان پهرين هٿ چراند انگريز سرڪار ڪئي اسان جي هاڻوڪي وڏي ڀاءُ پاران ڏنل اها درخواست هئي جنهن ۾ ڪالاباغ وٽان سنڌو مان پاڻي ڪڍڻ جي اجازت طلب ڪئي وئي هئي. ان ڪانپوءِ لڳاتار 1845ع تائين درخواستن جي اها وارو وار جاري رهي، پر ڳالهه وارو وڃي. 1955ع ۾ تڏهن ڪاٿو جڏهن واٽر ڪميشن ۾ وڏو ڀاءُ سٽ ئي ميمبر پاڻ مان ڪٽي هڪڙي ڏڪ سان تي درياءَ هندستان ڪي وڪٽي مڇ ڪي تاءُ ڏيئي ويهي رهيو ۽ جيڪا معقول جسٽيفڪيشن پيش ڪيائين اها پڙهي حيران ٿيڻ لاءِ پاڻ ڪي ايوب خان جو ڪتاب آقا نهين دوست پڙهڻو پوندو پر جيڪڏهن اهو ڪتاب پڙهڻ ڪانسواءِ پاڻ رڳو حڪمرانن پاران درياءَ شاهه سان مشڪرين جهڙي ڪيل هٿ چراندن جو حال معلوم ڪنداسين تڏهن به هيلوڪي ٻوڏ جو پورو پسمنظر سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي.

سڪر ڪان ڪوٽڙي تائين دريائي وهڪري ڪي ويهن ڏينهن ڪان مٿي وقت انڪري ٿو لڳي جو درياءَ جو پيٽ فطري حالت ۾ آهي ڪو نه ان جي ابتڙ حالت اها آهي جو درياءَ جو پيٽ چڙ ته بچيوئي ناهي درياءَ جي پيٽ ۾ پيرائي ڪري ڪٽي اڏاوتون ڪيل آهن ڪٽان بندن جي مٿي ڪوٽيل آهي ڪٽي فصل پوکيل آهن ڪٽي واري جا دڙا آهن ته ڪٽي ديوين جا جهنگ آهن اجا به وڌيڪ حيران ڪندڙ حقيقت ته خيرپور ۽ لاڙڪاڻي واري پل جي جيڪا اڏاوت آهي. اها فقط هڪ ڪلوميٽر تي مشتمل آهي. جڏهن ته اتي درياءَ جو فطري وهڪرو ٻارنهن ڪلوميٽر آهي. پل جي ٻنهي پاسي ساڍا پنج ڪلوميٽرن تائين مٿاهين پيرائي تي روڊ ناهي پل تائين پهچائيندڙ صاحبلوڪن ڪي اها سرت نه هئي ته هيءَ هڪڙي جيئري جاڳندي درياءَ جو پيٽ آهي. جنهن ڪي هڙي بير حمي سان بند ڪرڻ انسان ذات لاءِ مصيبت جو باعث بڻبو نه رڳو ايترو پر درياءَ مان سنڌ جي مختلف علائقن ڏانهن پاڻي پهچائيندڙ وڏن واهن ڪي پڻ وس وارن ڍبا لٽ ڪري جيڪو فطرت دوستيءَ جو ڪار نامو سرانجام ڏنو ان جو اعليٰ مثال اهو نارا ڪئنال آهي. جنهن جي اپرندي ڪناري تي موجود وڏين ڍنڍين مان هڪڙي ڍنڍ جو نالو ڪلانگر آهي آبڪلاٽيءَ جي رت ۾ نارا ڪئنال جو وهڪرو جڏهن وڌڻ لڳندو هو تڏهن عمرڪوٽ ضلعي جي ننڍڙي شهر غلام نبي شاهه لڳ ڇهن دروازن واري چنبڙ ڪي چوٽ چڙيو ويندو هو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ طرف ناري جي وهڪري ۾ لاٽ ايندي هئي ته ٻئي طرف ڪلانگر فطري حسن جو نيٽڻ نار نظارو پيش ڪرڻ سان گڏ هزارين ملاحن جي پيٽ گذر جو وسيلو به بڻبي هئي.

اڄ اها چنبڙ ننڍي شاخ نما ويڪر ۾ وهي رهي آهي باقي ناري جي ويڪري پيٽ ۾ ڦتين جو فصل پوکيل آهي جڏهن ته چنبڙ ڪي مفت ۾ وهائڻ وارو اڪر ڪامورن جي ڪتاب ۾ لکيل نه هئڻ ڪري ان جا دروازا اڃا بند آهن ائين منڙائي جمڙائو ۽ قليلي سميت درياءَ ڪي سڄي سنڌ ۾ ورهائيندڙ وڏا واهه ڪهڙي صورتحال جو شڪار آهن؟ ان سوال ۾ ڪا به عربي، فارسي محسوس نه ڪندڙ ماڻهو سمجهڻ ٽا ته سنڌو درياءَ منجهان نڪرندڙ ڪئنالن سان لالچي ۽ بااختيار ماڻهن ايڏي وڏي ويٽن ڪئي آهي. جيڏي وڏي ويڏن هيلوڪي ٻوڏ وري مسڪين مخلوق سان ڪري رهي آهي.

هاڻ جڏهن آبڪلاٽي جي مند ۾ درياءَ جا وهڪرا وڌڻ لڳا آهن تڏهن هڪ ارب روپين جي امداد جو اعلان ڪندڙ وزيراعظم. اهڙي اعلان جو مشڪور سنڌ جو وڏو وزير ۽ وزيراعظم ڪي بندن جي اسٽون پچنگ ڪرائڻ جي درخواست ڪندڙ آبپاشي وارو صوبائي وزير اها ڳالهه چو نٿا سمجهن ته درياءَ ۾ وهڪرن جي چاڙهه واري هي مند هرسال اچڻي آهي تنهنڪري جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي دريائي بندن ڪي مستقل بنيادن تي محفوظ بڻائڻ هن دور ۾ ڪو به ناممڪن مسئلو ڪونهي باقي جيڪڏهن صاحبلوڪن ڪي هرسال خوف ڦهلائڻ، خيراتون ورهائڻ، وسنديون ٻوڙائڻ ۽ آنبو سٽيو ڪرڻ تي اڪتفا ڪرڻو آهي ته پوءِ هر ٻئي ٽئين سال سندن گلشن جو ڪاروبار پيو هلندو پاڻ پيا ڊڄندا يا ٻڏنداسين ۽ صاحبلوڪ جهاز جي درياءَ مان پاڻي جو ۽ پنهنجو درشن پيا ڪندا.

*******

*****

***